# شيطان جا ڪجھ هٿيار




شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابوبلال

مُحَمَّد الياس عطّارؔ قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه

شيخ طريقت، امير اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دامت برکاتهم العاليه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جن جو اُردو زبان ۾ رسالو

# شيطان جا ڪجھ هٿيار

**ترجمو پيشڪش**

مجلس تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلس تراجم کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**

**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران**

**پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**فون نمبر**: 021-34921389-90-91

E-mail: majlistarajim@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# شيطان جا ڪجھ هٿيار

## [هڪ معلوماتي مڪتوب]

شيطان پنهنجي خلاف لکيل هي رسالو پڙهڻ کان ڪيترو ئي روڪي پر اوهان مڪمل پڙهي ان جي وار کي ناڪام بڻايو.

## 100 حاجتون پوريون ٿينديون

**مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان، سرور ذيشان** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي: جيڪو مون تي جُمعي جي ڏينهن ۽ رات 100 ڀيرا درود شريف پڙهي الله تعاليٰ ان جون 100 حاجتون پوريون فرمائيندو، 70 آخرت جون ۽ 30 دنيا جون، ۽ الله تعاليٰ هڪ ملائڪ مقرر فرمائيندو جيڪو اُن درود شريف کي منهنجي قبر ۾ ائين پهچائيندو جيئن توهان کي تحفا پيش ڪيا ويندا آهن، بيشڪ منهنجو علم منهنجي وصال کان پوءِ اهڙو ئي هوندو جهڙو منهنجي حياتي ۾ آهي. (جمع الجوامع للسيوطي ج 7 ص 199 حديث 22355)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هڪ ڏکايل اسلامي ڀاءُ جي ميل (Mail)، جڳهہ، اسلامي ڀائرن ۽ خود ميل موڪلڻ واري اسلامي ڀاءُ جي نالي کي حَذف ڪري ڪجھ سُنين سُنين نيّتن سان ۽ ڪجھ تبديلي سان چند مدني گل حاضر آهن. پهريان تصرُّف شُده ميل پڙهو.

مون کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ تقريباً 21 سال ٿي ويا آهن، انهن 21 سالن ۾ مدني مرڪز جي طرفان ڏنل مختلف

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏھ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

ذميدارين ڪي نياڻ جو موقعو ملندو رهيو آهي، هِن وقت ٻاهرئين ملڪ هڪ ڪابينہ جي خادم جي حيثيت سان مدني ڪم ڪرڻ جي سعادت حاصل آهي. انهن 21 سالن ۾ گهڻا لاها چاڙها ڏٺا پر مدني ماحول ۾ اِستِقامت رهي. "**ڪنهن دور ۾ غريب اسلامي ڀاءُ جو گهٽو خيال ڪيو ويندو هو، جيڪڏهن ان سان ڪو مسئلو ٿي ويندو هو تہ اُن جي دل جوئي ڪئي ويندي هئي پر هاڻي دعوتِ اسلامي جي ذميدارن جون شفقتون "صرف شاهوڪار ماڻهن" جي لاءِ آهن!**" ان ڳالھ جو احساس اُن وقت ٿيو جڏهن ٽي مهينا پهرين پاڪستان وڃڻ ٿيو، هڪ غريب (دعوتِ اسلامي جي ذميدار) اسلامي ڀاءُ جي **اَمڙ لاڏاڻو** ڪري ويئي هئي، تنهنڪري اُن جي گهر فاتِحہ خواني جي لاءِ حاضري ٿي. ڳالھ ٻولھ دوران اُن ٻڌايو تہ هڪ رڪنِ شوريٰ اسان جي شهر تشريف وٺي آيا پر منهنجي گهر فاتِحہ خواني جي لاءِ نہ آيا. هڪ رڪن شوريٰ پورو رمضان اتي گذاريو پر اهي بہ فاتِحہ خواني لاءِ نہ آيا. هڪ ٻئي غريب اسلامي ڀاءُ جي والده جو انتقال ٿيو، انهن بہ اهڙي ئي طرح جي خيالن جو اظهار ڪيو. اُن وقت مون ٻڌو ۽ سمجهيو تہ شايد هي اسلامي ڀائر صحيح نہ فرمائي رهيا آهن. پر ان ڳالھ جو احساس مون کي اُن وقت ٿيو جڏهن 9 محرم 1434 هجري، پهرين ڊسمبر 2012 مطابق، ڇنڇر جي ڏينهن منهنجي **اَمڙ جو انتقال** ٿيو، ايمرجنسي ۾ پاڪستان وڃڻو پيو. هڪ هفتو ترسيس اُن ڪان پوءِ واپسي ٿي. 187 ملڪن ۾ مدني ڪم ڪرڻ واري دعوتِ اسلامي مان صرف پنج اسلامي ڀائرن فون ڪري تعزيت ڪئي. هڪ رڪنِ

شوريٰ جي مَڪتب جي طرفان 41 قرآن پاڪ جي ايصالِ ثواب جي ترڪيب ڪئي ويئي. هڪ ٻي رڪنِ شوريٰ جن فون ڪيو پر صرف تسلي ڏني، ايصالِ ثواب ڪجهه نه. فاتحه خواني جي لاءِ هڪ ٻيو ذميدار تشريف وٺي آيو، انهن ايصالِ ثواب موڪلڻ جو چيو پر آئون انهن جي ايصالِ ثواب جو انتظار ئي ڪندو رهيس، انهن کي ۽ شهر جي نگران کي ڇنڇر جي ڏينهن ختمي جي دعوت به ڏني پر ......... ڇو ته غريب ماڻهو آهيان.

دعوتِ اسلامي جي طرفان ايصالِ ثواب ........ 46 قرآن شريف انفرادي ڪوشش سان........ تقريباً 313 قرآن شريف، ان کان علاوه درود پاڪ لکن جي تعداد ۾، ڪلمو شريف لکن جي تعداد ۾، سورت يٰسين شريف، سورهءِ مُلڪ، سورهءِ رحمٰن ۽ گهڻو ڪجهه ...... ڪيترائي اهي اسلامي ڀائر جيڪي ڏاڙهي وارا نه آهن انهن به لکن جي تعداد ۾ درود پاڪ ايصالِ ثواب ڪيو.

ان جي اُبتڙ (جڳهه جو نالو ڪٽيو ويو آهي) هڪ شاهوڪار ماڻهو جي زال بيمار هئي ان جي تِيمار داري (يعني خبر چار) جي لاءِ امير اهلسنّت مُدَّظِلُّه کان فون ڪرايو ويو ۽ اُن کي مدني خبرن ۾ به ڏيکاريو ويو، اهو واقعو منهنجي والده (جي وفات) کان شايد ٽي ڏينهن پوءِ جو آهي.

گذريل سال ...... (جڳهه جو نالو ڪٽيو ويو آهي) هڪ شاهوڪار اسلامي ڀاءُ جو پُٽ گذاري ويو، رڪنِ شوريٰ پنهنجو جدوَل مَنسوخ ڪري ان جي جنازي ۾ شرڪت جي ترڪيب ڪئي. امير اهلسنت ۽

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

نگرانِ شوريٰ کان فون بہ ڪرايا ويا، انهن جي ختم شريف تي رڪنِ شوريٰ بيان بہ ڪيو. ٻاهرين ملڪ آئون هڪ غير مسلم وٽ ڪم ڪندو آهيان اُن ٽي دفعا فون ڪيو ۽ تعزيت ڪئي. مون وٽ جيڪي ماڻهو تعزيت جي لاءِ آيا انهن ۾ قونصلر جنرل آف پاڪستان ۽ اُن جو عملو، هڪ سياسي جماعت جو مقامي صدر، پريس ۽ اُتي جا مقامي عالم ۽ ڪيترائي چاهڻ وارا.

ڪاش! هِن مشڪل وقت ۾ منهنجي تحريڪ جا اسلامي ڀائر مون کي حوصلو ڏين ها ۽ پنهنجي رشتيدارن ۽ ڀاڙي وارن جي سامهون منهنجو بہ ڀرم رهجي وڃي ها، بهرحال اهو احساس ٿيو تہ **"جيڪڏهن آئون شاهوڪار هجان ها تہ ائين نہ ٿئي ها."**

دنیا تے جو کام نہ آوے اوکھے سوکھے ویلے
اس بے فیض سنگھی کولوں بہتر یار اکیلے

وَالسَّلام

**سگِ مدينہ جو احساس .... ڪٿي مون سان ڪو ناراض نہ ٿي وڃي ....**

اسلامي ڀائرن جي خدمتن ۾ ترغيب لاءِ عرض آهي تہ ميل پڙهي ڪري سگِ مدينہ عُفِيَ عَنْهُ کي ماضي ۾ مختلف جنازن ۾ ۽ پڻ تعزيتن ۽ عيادتن جي لاءِ وڃڻ ياد اچي رهيو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه شايد ئي ڪو دعوتِ اسلامي وارو اهڙو هوندو جنهن مون کان وڌيڪ عيادتون ڪيون، جنازا پڙهيا ۽ تدفين ۾ حصو ورتو هجي، مون کي ڊپ ٿيندو هو تہ ڪٿي ميّتن جي تعزيتن ۽ مريضن جي عيادتن جي لاءِ گهرن ۽ اسپتالن ۾ وڃڻ بابت منهنجي سُسُتين ۽ ڪوتاهين جي سبب ڪٿي ڪو مون سان ناراض ٿي سنتن ڀريي مدني ماحول کان پري نہ ٿي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

وچي! منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن ڪنهن جي ”سُک“ ۾ حصو نہ بہ ورتو وڃي تہ ماڻهو ايترو ناراض نٿو ٿئي جيترو ”ڏُک“ يعني بيماري، پريشاني يا فوتگي جي معاملن ۾ همدردي نہ ڪرڻ واري سان ناراض ٿئي ٿو! انهيءَ سلسلي ۾ مدني ماحول ئي جي هڪ حڪايت پيش ڪريان ٿو، جيئن تہ

## ...... تہ آئون دعوتِ اسلامي وارن کان پري ٿي ويس

هڪ غريب اسلامي ڀاءُ جو قصو وڏيڪ پراڻو ناهي، انهن (سگِ مدينہ عُفِيَ عَنْہ کي) جيڪو ڪجھ ٻڌايو اهو پنهنجن لفظن ۾ عرض ڪريان ٿو: ”آئون ورهين کان دعوتِ اسلامي سان وابستہ هئس، پنهنجي وس آهر دعوتِ اسلامي جو ڪجھ نہ ڪجھ مدني ڪم بہ ڪري وٺندو هئس. آئون بيمار ٿيس، بيماري ڏگهي ٿي ويئي ايستائين جو آئون بستر سان وڃي لڳس ۽ ڇهن مهينن تائين بسترِ علالت تي پيو رهيس، صد ڪروڙ افسوس! بيماري جي ان مڪمل عرصي ۾ اسان جي شهر جي ڪنهن ”مٺي مٺي اسلامي ڀاءُ“ جو مون ڏکايل جي غريب خاني تي تشريف آڻي عيادت ڪرڻ تہ پري، ڪنهن فون بہ نہ ڪيو، بلڪ يقين مڃو دلجوئي جي لاءِ SMS بہ ڪرڻ جي ڪنهن زحمت تائين نہ فرمائي. ان سبب دعوتِ اسلامي وارن کان هڪدم منهنجي دل ٽٽي ويئي ۽ آئون انهن کان پري ٿي ويس، ها هڪ نيڪ دل ڀائو جيڪو عملي طور تي دعوتِ اسلامي ۾ ناهي اُن مون تي ڪمال درجي جي شفقت جو مظاهرو ڪيو، ايستائين جو هو مون کي ڊاڪٽرن وٽ بہ وٺي ويندو رهيو، منهنجي دل ۾ ان جي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.**
**(ابن عدي)**

محبت مضبوط ٿي ويئي ۽ آئون اُن جي گھٽو ويجهو ٿي ويس.“

## الله تعاليٰ جنّت جا ٻہ وڳا پارائيندو

معلوم ٿيو تہ ڪنهن ڏکايل اسلامي ڀاءُ جي دِلجوئي نہ ڪرڻ سان ان جي مدني ماحول کان پري ٿيڻ جو خطرو هوندو آهي، جيتوڻيڪ پري نہ ٿيڻ گهرجي جو اهو پنهنجي ئي پيرن تي ڪهاڙو هڻڻ جي برابر آهي، پر شيطان وسوسا وجهي ان جي آخرت تباهہ ڪرڻ جي ڪوشش وڌيڪ تيز ڪري ڇڏيندو آهي، تنهنڪري اهڙي طرح ڪيئي پري ٿي ويندا آهن، پوءِ انهيءَ دوران جيڪو انهن تي هٿ رکي اُهي ان جا ئي ٿي ويندا هوندا ۽ ڪهڙي خبر تہ اهڙي طرح ڪيئي بي عمل تہ ڪجهہ بدعقيده بہ ٿي ويندا هجن! بهرحال مصيبت زده جي تعزيت ۾ حِڪمت ئي حڪمت آهي ۽ اهو آخرت جي ثواب جو ڪم آهي. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو ڪنهن ڏکايل شخص سان تعزيت ڪندو **الله** عَزَّوَجَلَّ انهي کي تقويٰ جو لباس پارائيندو ۽ روحن جي وچ ۾ ان جي روح تي رحمت فرمائيندو ۽ جيڪو ڪنهن مصيبت زده سان تعزيت ڪندو **الله** عَزَّوَجَلَّ ان کي جنّت جي وڳن مان بہ اهڙا وڳا پارائيندو جن جي قيمت (سڄي) دنيا بہ نٿي ٿي سگهي.

(المعجم الاوسط ج 6 ص 429 حديث 9292)

## تعزيت ڇا کي چئبو آهي

تعزيت (يعني عُذر خواهي) جي معنيٰ آهي: مصيبت ۾ گهيريل ماڻهو کي صبر جي تلقين ڪرڻ. ”تعزيت مَسنون (يعني سنت) آهي.“

(بهارِ شريعت ج1 ص 852)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

# رُئل پَرچي ويو

ڪڏهن ڪڏهن غمخواري ۽ تعزيت جا ثمرات دنيا ۾ بہ ڏنا ويندا آهن، جيئن هي انهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي جن ڏينهن ۾ نُور مسجد ڪاغذي بازار بابُ المدينہ ڪراچي ۾ منهنجي امامت هئي، هڪ اسلامي ڀاءُ ڦهريان منهنجي ويجهو هئا ۽ پوءِ ڪجهہ پري پري رهڻ لڳا هئا، پر مون کي اندازو نہ هو. هڪ ڏينهن فجر کان پوءِ مون کي انهن جي والد صاحب جي لاڏاڻي جي خبر ملي، آئون هڪدم انهن جي گهر پهتس، اجا ميّت کي غسل بہ نہ ڏنو ويو هو، دعا فاتحہ ڪئي ۽ موٽي آيس، جنازي نماز ۾ شريڪ ٿي قبرستان گڏ ويس ۽ تدفين ۾ بہ اڳيان اڳيان رهيس. اُن جا فائدا تصور کان بہ وڌيڪ ٿيا، جيئن اُن اسلامي ڀاءُ پاڻ ئي انڪشاف ڪيو تہ مون کي اوهان جي باري ۾ ڪنهن ورغلايو هو، اُن جي ڳالهين ۾ اچي آئون اوهان کان پري ٿي ويس ۽ ايترو پري ٿي ويس جو اوهان کي ايندي ڏسي لِڪي ويندو هئس پر منهنجي پياري پيءُ جي انتقال تي اوهان جي همدردانہ انداز منهنجي دل بدلائي ڇڏي، جنهن ماٺهو اوهان کان مون کي پري ڪيو هو اُهو منهنجي مرحوم والد جي جنازي ۾ بہ نہ آيو. هِن واقعي کي هي سٽون لکڻ تائين ڪو 35 سالن جو عرصو گذري چڪو هوندو، اُهي اسلامي ڀاءُ اڄ بہ ڏاڍي محبت ڪن ٿا، انتهائي با اثر آهن، تنظيمي طور تي بہ ڪم ايندا آهن، ڏاڙهي سجيَل آهي، پاڻ منهنجا پير ڀاءُ آهن پر انهن جا ٻار ٻچا، ٻيا ڀائر ۽ خاندان جا ٻيا ڀاتي عطاري آهن، ننڍي ڀاءُ جو مدني حُليو آهي ۽

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا . (طبراني)

دعوتِ اسلامي جا ذميدار آهن، وڏا ياءُ بہ باعمامہ آهن.

## دعوتِ اسلامي ۾ وڏي اڪثريت غريبن جي آهي

جيتوڻيڪ ڪنهن دولتمند يا عهدي مرتبي واري شخصيت جي عيادت يا اُن سان تعزيت ڪرڻ کو شريعت جي خلاف عمل ناهي، سنين سنين نيّتن سان سنّت مطابق انهن جي عيادت ۽ تعزيت بہ يقيناً آخرت جي ثواب جو باعث آهي. پر اهو نہ ٿئي جو صرف مالدارن، آفيسرن ۽ دنياوي شخصيتن جون غمخواريون ٿينديون رهن ۽ ويچارا غريب انتظار ئي ڪندا رهن. سچ پڇو تہ دعوتِ اسلامي پهرين غريبن ۽ محتاجن جي آهي پوءِ مالدارن جي، دعوتِ اسلامي جا مدني ڪم سڄي دنيا ۾ ڦهلائڻ وارن ۾ غريب ئي پهرين صف ۾ آهن. وقفِ مدينہ تي دعوتِ اسلامي جي لاءِ پنهنجون جوانيون لُٽائڻ وارا ڪير آهن؟ مسلسل 12 مهينا ۽ 25 مهينا سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي جا مسافر ٿيڻ وارا ڪير آهن؟ دعوتِ اسلامي جي انتظام هيٺ هلڻ وارين بيشمار مسجدن جا امام ۽ مؤذّن ڪير آهن؟ جامعاتُ المدينہ ۽ مَدارِسُ المدينہ جا هزارين مُدرِّس ۽ مختلف اهم ذميدارين تي مقرر نگران ڪير آهن؟ يقين مڃو! غالب نہ بلڪ اَغلب تعداد اِنهن ۾ مالدارن جي ناهي، غريبن يا وچولي طبقي جي اسلامي ڀائرن جي آهي. مَاشَآءَاللّٰہ اهي عاشقانِ رسول سنّتن تي عمل سان گڏوگڏ مدني ڪمن جون بہ خوب خوب ڌومون مچائيندا آهن، سڄي رمضانُ المُبارڪ جو اِعتِڪاف هجي يا هفتيوار اجتماع يا مدني قافلن جو سفر انهن ۾ وڏو تعداد انهن ئي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

”مديني جي فقيرن“ جو هوندو آهي.

## بيشڪ مالدارن جو بہ دين ۾ حصو آهي

آئون اِهو نٿو چوان تہ مالدار ۽ وڏي شخصيتن جو دين جي ڪمن ۾ ڪو حصو ئي ناهي، بيشڪ انهن جو بہ ضرور حصو آهي ماشآءَالله انهن مان بہ اسان وٽ مُبَلِّغ ۽ ذميدار آهن پر نسبتاً انهن جو تعداد تمام گهٽ آهي. دولتمندن ۽ دنياوي شخصيتن ۾ وقت جي قرباني ڏيڻ وارا تعداد ۾ تمام گهٽ هوندا آهن، انهن حضراتن جي اڪثريت صرف زڪوٰة ۽ عطيات ڏيڻ کي ڪافي سمجهندي آهي. بيشڪ مالدارن ۾ بہ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچايون وڃن، مَاشَآءَاللّٰه اهي حضرات مسجدون ۽ مدرسا نهرائيندا آهن ۽ ان معنيٰ ۾ انهن سان بہ دينِ اسلام جون رونقون آهن. انهن تي بہ انفرادي ڪوششون جاري رکيون وڃن تہ جيئن انهن ۾ نمازين جي تعداد ۾ اضافو ٿئي ۽ اهي بہ سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن جا مسافر بڻجن. پر ان جو مطلب هرگز اهو ناهي تہ غريب اسلامي ڀائر وساريا وڃن ۽ ويچارا اوهان جي طرفان ٿيڻ واري انفرادي ڪوشش ۽ ان جي ذريعي ملڻ واري نيڪي جي دعوت، عيادت ۽ تعزيت ۽ ايصالِ ثواب جي مجلس ۾ اوهان جي شرڪت جي لاءِ سِڪندا رهن ۽ اوهان انهن دولتمندن وٽ ميّت ٿي وڃڻ جي صورت ۾ انهن جي گهرن تي اُڏامي اُڏامي پهچندا هجو، انهن سان انتهائي عاجزي بلڪ خوشامدي واري لهجي ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪندا هجو، انهن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ جي لاءِ انهن جي فوت ٿيندڙن جي لاءِ ايصالِ ثواب جا ڍِڳ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا. (ڪنزالعمال)

لڳائيندا هجو، دعوتِ اسلامي جي اهم ذميدارن کان انهن جي تعزيت جي لاءِ فون ڪرائيندا هجو، پوءِ ڪارڪردگي بہ وصول ڪندا هجو تہ ڇا فُلان ”پارٽي“ يا شخصيت ڪي اوهان فون ڪيو يا نہ؟ اميد ڪريان ٿو تہ منهنجون اهي ڳالهيون مالدارن جي بہ سمجهہ ۾ اينديون هونديون! اهي حضرات بہ غور فرمائن تہ جيڪڏهن انهن جي بنگلي جي چوڪيدار جو پيءُ گذاري وڃي تہ انهن جو عملي طريقو ڪهڙو هوندو آهي ۽ ڄاڻ سُڃاڻ وارن مان ڪنهن سياسي يا سماجي ليڊر يا مالدار جي والد جو انتقال ٿي وڃي تہ پوءِ ڪهڙو انداز هوندو آهي! دُنيوي شخصيت جي جنازي ۾ ۽ غريب ماڻهو جيتوڻيڪ نيڪ نمازي هجي ان جي جنازي ۾ عوامي حاضري جو فرق ڪير نٿو ڄاڻي! بهرحال! ائين نہ ٿيڻ گهرجي، مالدارن کي بہ گهرجي تہ پنهنجي نوڪرن ۽ چوڪيدارن وغيره سان خوب خوب غمخواري ڀريو ورتاءُ فرمائن.

## غُربت جا فضائل

غريب ۽ امير بڻي ٿي فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظہ فرمائن: ﴿1﴾ مون جنّت ۾ ملاحظہ فرمايو تہ اهلِ جنّت ۾ فقيرن ڪي وڌيڪ ڏٺو. (مسند امام احمد بن حنبل ج 2 ص 582 حديث 6622) ﴿2﴾ فقير جنّت ۾ مالدارن کان 500 سال پهرين ويندا. (ترمذي ج 4 ص 157 حديث 2358) ﴿3﴾ جيڪو شخص چڱي طرح نماز پڙهندو هجي، ان جو عيال (يعني گهر وارا) وڌيڪ ۽ مال گهٽ هجي ۽ اهو شخص مسلمانن جي غيبت نہ ڪندو هجي، آئون ۽ اُهو جنّت ۾ هِنن ٻن (آڱرين) وانگر هونداسين.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

(پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن شهادت واري آڱر ۽ وچين آڱر ملائي ڏيکاريائون) (جمع الجوامع للسيوطي ج 7 ص 149 حديث 21835)

# ”اِجتماعِ ذِڪرو نعت“ ايصالِ ثواب جي لاءِ

دعوتِ اسلامي جي سيني ذميدارن جي خدمت ۾ مدني اِلتجا آهي تہ اوهان وٽ ڪنهن اسلامي ڀاءُ کي مرض يا مصيبت (مثلاً ٻار بيمار ٿيڻ، نوڪري ڇُٽڻ، چوري يا ڌاڙو لڳڻ، اسڪوٽر يا موبائل فون ڪسجي وڃڻ، حادثو پيش اچڻ، ڪاروبار ۾ نقصان تي وڃڻ، عمارت ڪِري پَوڻ، باهہ لڳي وڃڻ، ڪنهن جي فوتگي ٿي وڃڻ وغيره کو بہ صدمو) پهچي، ثواب جي نيّت سان اُن ڏکايل جي دلجوئي ڪري عظيم ثواب جا حقدار بڻجو، ڇوتہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: ”بيشڪ الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ فرضن کان پوءِ سڀ کان وڌيڪ پسنديده عمل هي آهي تہ مسلمان کي خوش ڪري.“ (المعجم الکبير ج 11 ص 59 حديث 11079) انتقال ٿيڻ تي ٽي سگهي تہ هڪدم ميّت جي گهر وغيره تي حاضري ڏيو، ممڪن صورت ۾ ميّت جي غسل، جنازي جي نماز بلڪ تدفين ۾ بہ حصو وٺو. مالدارن ۽ دنياوي نالي وارن جي دلجوئي ڪرڻ وارن جو عام طور تي چڱو خاصو تعداد هوندو آهي، پر ويچارن غريبن جو حال پڇڻ وارو ڪير آهي؟ بيشڪ سُنين سُنين نيّتن سان اوهان دولتمندن جي تعزيت فرمايو پر غريبن کي بہ نظر انداز نہ ڪريو، انهن ”شخصيتن“ سان گڏوگڏ خاص طور تي اوهان جي ماتحت جنهن غريب اسلامي ڀاءُ وٽ ميّت ٿي وڃي، ان کي رشتيدارن وغيره کي جمع ڪرڻ جي ترغيب ڏياري ان جي گهر تي وڌ کان وڌ 92 منٽن جو ”اجتماعِ ذِڪر و نعت“ رکو، جيڪڏهن سيني تائين آواز

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نه پڙهيو ته تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

پهچندو هجي ته پوءِ بِنا ضرورت ”سائونڊ سسٽم“ لڳائڻ جي معاملي ۾ خدا کان ڊڄو، حيثيت مطابق لنگرِ رسائل جو ضرور ذهن ڏيو، پر کاڌي جو اهتمام هرگز نه ٿيڻ ڏيو (مسئلو: ٽِيجهي جي ماني اميرن جي لاءِ جائز ناهي، صرف غريب ۽ مسڪين کائن، تن ڏينهن کان پوءِ به ميّت جي ماني کان اميرن (يعني جيڪي فقير نه هجن انهن) کي بچڻ گهرجي) جيڪو وقت مقرر ٿئي ان جي پابندي ڪريو. ”نماز عشاءِ کان پوءِ ٿيندو“ چوڻ جي بدران گهڙي مطابق وقت طئي ڪريو ۽ مثلاً رات 9 وڳي جو طئي ٿيو آهي ته ماڻهن جو انتظار ڪرڻ جي بغير نيڪ وقت تي تلاوت سان شروعات ڪري ڇڏيو، پوءِ نعت شريف (وقت 25 منٽ) سنّتن ڀريو بيان (وقت 40 منٽ) ۽ آخر ۾ ذڪرُالله عَزَّوَجَلَّ (وقت 5 منٽ) رِقّت انگيز دعا (وقت 12 منٽ) ۽ صلوٰة و سّلام (ٽي شعر) مع اختتامي دعا (وقت 3 منٽ) علائقي جا تمام ذميدار، مُبلغ ممڪن صورت ۾ مرڪزي مجلسِ شوريٰ جا رڪن ۽ ٻين اسلامي ڀائرن جي شرڪت يقيني بڻايو، ۽ ڪوشش ڪري ايصالِ ثواب جي لاءِ اُتان کان هٿو هٿ مدني قافلا سفر ڪرايو.

## سگِ مدينه عُفِيَ عَنْهُ جي طرفان ڪَيل جوابي ميل

بِسمِ اللّٰهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيم سگِ مدينه محمد الياس عطار قادري رضوي عُفِيَ عَنْهُ **جي طرفان دعوتِ اسلامي جي مُبَلِّغ منهنجي مٺي مٺي مدني پُٽ........... عطاري** سَلَّمَهُ الْبَارِي **جي خدمت ۾،**

اَلسَّلامُ عَلَيكُم وَرَحمةُ اللّٰهِ وَ بَرَكَتُهٗ ـ اَلْحمدُ لِلّٰه ربِّ العٰلمينَ عَلٰى كُلِّ حال ـ

آنکھیں رو رو کے سُجانے والے
جانے والے نہیں آنے والے (حدائقِ بخشش شریف)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

نگرانِ شوريٰ ابو حامد عمران عطاري سَلَّمَهُ الْبَارِي جِن مون کي اوهان جي ميل فارورڊ ڪئي. جنهن ۾ اوهان جي امڙ سائڻ جي وفات حسرت آيات جو تذڪرو هو، صبر، همت ۽ حوصلي کان ڪم وٺو ۽ سڀني گهر وارن کي بہ اها ئي تلقين فرمايو. اللّٰه تَبارَک و تعاليٰ مرحومہ کي غريقِ رحمت ڪري، بي حساب بخشي، اوهان کي ۽ سڀني رشتيدارن کي صبرِ جميل ۽ صبرِ جميل تي اجرِ جزيل عنايت فرمائي. اٰمِين بِجاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آه! مون گنهگارن جي سردار وٽ نيڪيون ڪِٿي! گناهن جو ڍڳ آهي، ڪاش! گناهن جو بخشڻهار ربِّ غفّار جَلَّ جَلالُہ مون گنهگار ۽ بدڪار کي معافي جي خيرات سان نوازي فقط پنهنجي رحمت سان منهنجي خطائن جي ڳنڍڙيءَ تي عطائن جون بارشون فرمائي ۽ منهنجا گناهہ نيڪين سان بدلائي. زهي نصيب! ائين ئي ٿئي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جي ڀروسي ۾ پاڻ وٽ موجود سڀني نيڪين جو رحمتِ الٰهي مطابق ملڻ وارو ثواب بارگاهِ رسالت مآب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ نذر ڪري اوهان جي والده مرحومہ کي ايصال ڪريان ٿو.

## تحرير ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي لکندڙ جي مزاج جي عڪاسي ڪندي آهي

عام طور تي ماڻهو کي پنهنجي تعريف ٻڌي ئي لڳندي آهي ۽ غلطي ٻڌائڻ وارو ڏني نہ وڻندو آهي اهڙن جي ئي ترجماني ڪندي ڪنهن چيو آهي:

ناصحا! مت کر نصیحت دل مِرا گھبرائے ہے
اُس کو دشمن جانتا ہوں جو مجھے سمجھائے ہے

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي.** (حاڪم)

**دعاڳو آهيان تہ الله ربُّ العِزت، تاجدارِ رسالت** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي صدقي اسان جي بي حساب مَغفِرت ڪري ۽ نصيحت قبول ڪرڻ واري دل عطا فرماءِ.** اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم. **مٺا مٺا مدني پُٽ! اوهان جي ميل ۾ مون تي "شيطان جي ڪجھ هٿيارن جو انڪشاف" ٿيو آهي. خداءِ غفّار** عَزَّوَجَلَّ **اسان کي شيطان جي هر وار کان محفوظ فرمائي. آمين. مهرباني ڪري سيّدنا فاروقِ اعظم** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ **جو هي ارشاد سڳورو: "مون کي اُهو شخص محبوب (يعني پيارو) آهي جيڪو منهنجي عيبن کان مون کي آگاھ ڪري."** (الطبقات الکبري لابن سعد ج 3 ص 222) **پيشِ نظر رکندي منهنجي مدني گلن تي ٿڌي دل سان غور فرمائيندا وجو. ڏسو! مون کان ناراض نہ ٿي وڃجو، منهنجا آقا اعلٰي حضرت احمد رضا خان** عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن **جي هِن انمول قول جو واسطو جنهن ۾ ارشاد فرمايو ويو آهي: "انصاف پسند تہ اُن جا شڪر گُذار ٿيندا آهن جيڪو انهن کي دُرُستگيءَ جي راھ ٻڌائي."** (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت ص 220 مڪتبة المدينه باب المدينه ڪراچي) **هزار ڀيرا ڀير جَهلي ۽ لکين مَعذرتن سان عرض آهي: تحرير ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي لکڻ واري جي دلي ڪيفيتن جي عڪاسي ڪندي آهي، ميل پڙهي اِصلاح جي ضرورت محسوس ٿي تنهنڪري ڪجھ مدني گل حاضرِ خدمت ڪريان ٿو جيڪڏهن منهنجا اِهي محسوسات غلط هجن تہ هٿ ٻڌي معافي جي خيرات جو اُميدوار آهيان.**

## پاڻ کي "اهم شخصيت" سمجهڻ ڀُل آهي

**جڏهن انسان پنهنجو پاڻ کي "اهم" نہ سمجهي تہ ان کي**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

ڪنهن جي ”نہ پڇڻ“ جو ڏک بہ ناهي ٿيندو. منهنجا سادڙا مدني پُٽ! جِن کي پڇيو ناهي ويندو اڪثر ڪري انهن جا پنهنجا شان هوندا آهن. ڪاش جو اسان بہ اهڙا هجون ها جيئن تہ حضرتِ سيدنا حسن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي تہ اميرُالمُؤمنين حضرت سيّدنا عليُّ المُرتضيٰ شيرِ خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم ارشاد فرمايو: ”الله عَزَّوَجَلَّ جي گمنام ٻانهن جي لاءِ خوشخبري آهي! اهي ٻانها جيڪي پاڻ تہ ماڻهن کي سُڃاڻن ٿا پر ماڻهو انهن کي نٿا سُڃاڻن، الله عَزَّوَجَلَّ (جنّت تي مقرر ملائڪ حضرتِ سَيِّدُنا) رضوان عَلَیْهِ السَّلَام کي انهن جي سُڃاڻپ ڪرائي ڇڏي آهي، اهي ئي ماڻهو هدايت جا روشن چراغ آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ تمام تاريڪ فِتنا انهن تي ظاهر فرمائي ڇڏيا آهن. الله عَزَّوَجَلَّ انهن کي پنهنجي رحمت (سان جنّت) ۾ داخل فرمائيندو. اهي نہ مشهوري چاهيندا آهن نہ ظلم ڪندا آهن ۽ نہ ئي رياڪاري ۾ پوندا آهن.“

(الله والوں کی باتیں ج 1 ص162، حلية الاولياء ج 1 ص 118)

## دين جي خدمت جي ڪري عزت جي طلب

منهنجا مٺا مدني پُٽ! ڪنهن شخص جو پنهنجي لاءِ اهو ذهن ٺاهڻ تہ مون جيئن تہ دين جي خدمت ڪئي (يا عين شريعت جي احڪامن مطابق دعوتِ اسلامي جو مدني ڪم ڪيو آهي) انهيءَ ڪري مون کي فُلان فُلان رعايتون ملڻ ئي گهرجن، منهنجي حيثيت مڃي وڃي، منهنجي حوصلہ افزائي ٿيڻ گهرجي (حالانڪ اهو هڪ طرح سان پنهنجي تعريف جو مطالبو آهي ڇوتہ حوصلہ افزائي عام طور تي تعريف سان ٿيندي آهي) منهنجي دلجوئي بہ ٿيندي رهي، مون تي مصيبت اچي تہ مون کي شخصيتن سميت ڪثير ماڻهو دلاسا ڏين (جو مون دين جا وڏا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

وڏا ڪم جو ڪيا آهن!) ياد رکو! دين جي خدمت اعليٰ درجي جي عبادت آهي ۽ عبادت تي دنيا وارن کان عيوضو ۽ بدلو طلب ڪرڻ جي اجازت ناهي، جنهن کي پنهنجي ديني خدمتن جو احساس هجي ۽ انهي بنياد تي ان جو نفس واهہ واهہ ۽ عزت وغيره جي طلب محسوس ڪري ان کي "رياڪاري جي تعريف" تي نظر ڪرڻ گهرجي: جيئن تہ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةالمدينہ جي شايع ٿيل 576 صفحن تي مشتمل ڪتاب "نيڪي جي دعوت" صفحي 40 تي آهي: ريا جي تعريف هي آهي: "**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا کان علاوه ڪنهن ٻئي ارادي سان عبادت ڪرڻ.**" يعني عبادت سان اها غرض هجي تہ ماڻهو ان جي عبادت تي آگاهہ ٿين تہ جيئن اهو ماڻهن کان مال هٿ ڪري يا ماڻهو ان جي واکاڻ ڪن يا ان کي نيڪ سمجهن، يا ان کي عزت وغيره ڏين. (الزواجر عن اقتراف الكبائر ج 1 ص 86)

# رياڪاري جو دردناڪ عذاب

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: بيشڪ جهنّم ۾ هڪ وادي آهي جنهن کان جهنّم روزانو چار سؤ ڀيرا پناهہ گهري ٿو، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ هي وادي اُمتِ محمديہ علي صاحبها الصّلوٰة والسّلام جي ان رياڪارن جي لاءِ تيار ڪئي آهي جيڪي قرآن جا حافظ، غيرُ **اللّٰه** جي لاءِ صدقو ڪرڻ وارا، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي گهر جا حاجي، ۽ راهِ خدا ۾ نڪرڻ وارا هوندا.

(المعجم الكبير ج 12 ص 136 حديث 12803)

بچا لے رِیا سے بچا یاالٰہی
تُو اِخلاص کر دے عطا یاالٰہی

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 166 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”رياڪاري“ جو مطالعو فرمايو)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# خود پسندي جون تباهه ڪاريون

## خود پسنديءَ جي وصف

مٺا مٺا مدني پُٽ! ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو نيڪ ڪم ته ڪندو آهي پر شيطان جو هٿيار اثر ڪري چڪو هوندو آهي ۽ هو ان کي پنهنجو ذاتي ڪارنامو سمجهندو آهي ان کي اهو احساس نٿو رهي ته الله عَزَّوَجَلَّ جي ڏنل توفيق ئي سان آئون اهو ڪري رهيو آهيان. سيني جي لاءِ ضروري آهي ته اهي شيطان جي هِن هٿيار عُجُب يعني ”خود پسندي“ جي وصف ۽ اُن جي تباهه ڪارين تي نظر رکن. خود پسندي جي وصف هي آهي: پنهنجي ڪمال (مثلاً علم يا عمل يا مال) کي پاڻ ڏانهن منسوب ڪرڻ ۽ ان ڳالهه جو خوف نه ٿيڻ ته اهو کسجي ويندو. جڻ خودپسند شخص نعمت کي مُنْعِمِ حقيقي (يعني الله عَزَّوَجَلَّ) ڏانهن منسوب ڪرڻ کي وساري ڇڏيندو آهي. (يعني مليل نعمت مثلاً صحت يا حسن و جمال يا دولت يا ذهانت يا سني آواز يا عهدي وغيره کي پنهنجو ڪارنامو سمجهڻ ۽ اهو وساري ڇڏڻ ته هي سڀ ربُّ العزت جي ئي عنايت آهي) (احياء العلوم ج 3 ص 454)

## خود پسندي جي اهم وضاحت

حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد بن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

**محمد غزالي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِی **لکن ٿا: جيڪو شخص علم، عمل ۽ مال جي ذريعي پنهنجي نفس ۾ ڪمال سمجهندو هجي ان جون "ٻہ حالتون" آهن: انهن مان هڪ هي آهي تہ هن کي اُن ڪمال جي زوال جو خوف هجي يعني انهي ڳالهہ جو خوف هجي تہ ان ۾ ڪا تبديلي اچي ويندي يا بلڪل ئي کسجي ۽ ختم ٿي ويندو تہ اهڙو "ماڻهو خود پسند" ناهي هوندو. ٻي حالت هي آهي تہ هُو ان جي زوال** (يعني گهٽ يا ختم ٿيڻ) **جو خوف نٿو رکي بلڪ هو ان ڳالهہ تي خوش ۽ مطمئن هوندو آهي تہ الله تعاليٰ مون کي هي نعمت عطا فرمائي آهي ان ۾ منهنجو پنهنجو ڪمال ناهي. اها بہ "خود پسندي" ناهي ۽ اِن جي لاءِ هڪ ٽي حالت بہ آهي جيڪا خود پسندي آهي ۽ اها هي آهي تہ انهي کي ان ڪمال جي زوال** (يعني گهٽ يا ختم ٿيڻ) **جو خوف ناهي هوندو بلڪ هو ان تي خوش ۽ مطمئن هوندو آهي ۽ ان جي خوشي جو سبب هي هوندو آهي تہ هي ڪمال، نعمت، ڀلائي ۽ سر بلندي آهي، هو ان لاءِ خوش ناهي هوندو تہ اها الله تعاليٰ جي عنايت ۽ نعمت آهي بلڪ هِن** (يعني خود پسند ٻانهي) **جي خوشي جو سبب هي هوندو آهي تہ هو ان کي پنهنجي وصف** (يعني خوبي) **۽ خود پنهنجو ئي ڪمال سمجهندو آهي هو ان کي الله تعاليٰ جي عطا ۽ عنايت تصور نہ ڪندو آهي.** (احياء العلوم ج 3 ص 454)

## آئون تہ خوب دين جي خدمت ڪريان ٿو

ڪڏهن ڪڏهن انسان ظاهري طور تي سنا عمل ڪندو آهي پر اهي ان جي پنهنجي حق ۾ سنا ناهن هوندا ڇاڪاڻ تہ شيطان جو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعلیٰ)

هٿيار ان تي هلي وڃڻ جي ڪري هو ان تي وڏائي ڪري ٿو تہ آئون تمام گهڻا نيڪ ڪم ڪريان ٿو، خوب دين جي خدمت ڪريان ٿو، مون هِي بہ ڪيو ۽ هُو بہ ڪيو، هو اهو وساري ڇڏي ٿو تہ مون کي ان جي توفيق منهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ **عطا** فرمائي آهي، اهڙن پاڻ پڏائڻ وارن کي ڊڄڻ گهرجي جو سيپاري 16 **سُوْرَةُ الْكَهْف** آيت نمبر 104 ۾ **ربُّ العِباد** جو ارشادِ عبرت بنياد آهي:

**وَهُمْ يَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ يُحْسِنُوْنَ صُنْعًا ﴿۱۰۴﴾**

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ اهي ان خيال ۾ آهن تہ اسان چڱا ڪم ڪري رهيا آهيون.

هِن آيت شريف تحت مُفسّر شهير، **حڪيمُ الاُمّت**، **حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان فرمائن ٿا: ان مان معلوم ٿيو تہ بدڪار کان وڌيڪ بدنصيب اهو نيڪوڪار آهي جيڪو محنت سان نيڪيون ڪري پر ان جي ڪا نيڪي ڪيس ڪم نہ اچي، هو ڌوڪي ۾ رهي تہ آئون نيڪوڪار آهيان. خدا جي پناهہ. (نور العرفان ص 485)

## مون هِي ڪيو! مون هُو ڪيو!

پنهنجي عملن کي "ڪجهہ" سمجهڻ ۽ ان تي پڏائڻ ۽ پنهنجي تعريف پاڻ ڪرڻ تہ "مون هي ڪيو! هُو ڪيو!" اها خراب صفت آهي الله تعاليٰ سيپاري 27 **سُوْرَةُ النَّجْم** آيت نمبر 32 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

**هُوَ اَعْلَمُ بِكُمْ اِذْ اَنْشَاَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ وَ اِذْ اَنْتُمْ اَجِنَّةٌ فِيْ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ ۚ فَلَا تُزَكُّوْۤا اَنْفُسَكُمْ ؕ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اتَّقٰى ﴿۳۲﴾**

**ترجمو ڪنزالايمان:** اهو توهان کي خوب ڄاڻي ٿو توهان کي مٽي مان پيدا ڪيائين ۽ جڏهن توهان پنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ حمل (جي صورت ۾) هئا پوءِ توهان پنهنجي پاڻ واڪاڻ نہ ڪيو اهو خوب ڄاڻي ٿو جيڪي پرهيزگار آهن.

هِن آيت شريف تحت مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان فرمائن ٿا: هي آيت انهن ماڻهن جي باري ۾ نازل ٿي، جيڪي پنهنجي نيڪين تي فخر ڪندا هئا ۽ فخر مان چوندا هئا ته اسان جون نمازون اهڙيون آهن! اسان جا روزا اهڙا! اسين اهڙا! اُن (يعني الله تعاليٰ) ئي جو ڄاڻڻ ڪافي آهي توهان پنهنجي تقويٰ طهارت جو ماڻهن ۾ اعلان ڇو ٿا ڪريو! لطف ته تڏهن آهي جو ٻانهو چوي: ”آئون گنهگار آهيان“ ربّ (عَزَّوَجَلَّ) چوي: هي پرهيزگار آهي! جيئن حضرتِ ابو بڪر صديق (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ) (نور العرفان ص 841، 842)

هِن آيت شريف تحت حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد بن محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الوَالِي فرمائن ٿا: حضرت سيّدُنا ابنِ جُرَيج رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: ان جي معنيٰ اها آهي ته جڏهن توهان سنو ڪم ڪريو ته اهو نه چئو: ”مون عمل ڪيو.“ (احياءُ العُلوم ج 3 ص 452)

## خود پسندي جي مذمت تي بُزُرگانِ دين جا 5 فرمان

﴿1﴾ اُمُّ المُؤمنين حضرتِ سَيّدَتُنا عائشه صِدّيقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان پڇيو ويو ته ماڻهو گنهگار ڪڏهن ٿيندو آهي؟ فرمايائون: جڏهن ان کي اهو گُمان ٿئي ته آئون نيڪوڪار يعني نيڪ ماڻهو آهيان.
(احياءالعلوم ج 3 ص 452)

﴿2﴾ مشهور تابعي بزرگ حضرت سَيّدُنا زيد بن اسلم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الاَكرَم فرمائن ٿا: پنهنجو پاڻ کي نيڪوڪار قرار نه ڏيو ڇاڪاڻ ته اها خود پسندي آهي. (ايضاً)

﴿3﴾ حضرتِ سَيّدُنا مُطَرِّف رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: آئون سڄي رات

فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

عبادت ڪريان ۽ صبح جو خود پسندي ۾ ورتل هوان يعني اهو سمجهان ته آئون ته وڏو نيڪ ماڻهو آهيان ان کان بهتر اهو ٿي آهي ته رات جو سُتل رهان ۽ صبح جو رات جي عبادت کان محرومي تي افسوس ڪريان. (ايضاً)

﴿4﴾ حضرتِ سَيِّدُنا بِشْر بن منصور عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْغَفُوْر انهن ماڻهن مان هئا جن کي ڏسي الله تعاليٰ ۽ آخرت جو گهر ياد ايندو آهي، چاڪاڻ ته اهي عبادت جي پابندي ڪندا هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن هڪ ڏينهن نماز پڙهيائون، هڪ شخص پنيان بيٺو ڏسي رهيو هو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سلام ڦيريو ته (خوفِ خدا کان مغلوب ٿي خودپسندي کان بچڻ جي لاءِ عاجزي طور) فرمايائون: جيڪو ڪجهه مون کان ڏٺو اٿئي ان تي توکي تعَجُّب نه ٿيڻ گهرجي چاڪاڻ ته شيطان لعِين ملائڪن سان گڏ هڪ ڊگهو عرصو الله ربُّ العزت عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪئي پوءِ (وري) ان جو جيڪو انجام ٿيو اهو واضح ۽ ظاهر آهي. (ايضاً ص 453)

﴿5﴾ حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد بن محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا: نيڪ ڪمن جي توفيق الله تعاليٰ جي نعمتن مان هڪ نعمت ۽ ان جي عطين مان هڪ عطيو (يعني بخشش) آهي، پر خودپسندي جي ڪري نادان انسان پنهنجي ذات جي تعريف ڪندو ۽ پاڪيزگي ظاهر ڪندو آهي ۽ جڏهن هو پنهنجي راءِ، عمل ۽ عقل تي وڏائي ڪندو آهي ته فائدو حاصل ڪرڻ، مشورو وٺڻ ۽ پڇڻ ڇڏي ڏيندو آهي ۽ ائين پنهنجو پاڻ تي ۽ پنهنجي راءِ تي اعتماد ڪندو آهي. (ته آئون به ته علم ۽ عقل رکان ٿو، ڪهڙي ضرورت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

آهي جو ٻين کان مشورو وٺان! (ايضاً ص822) اڳتي هلي وڌيڪ فرمائن ٿا: عابد کي پنهنجي عبادت تي، عالم کي پنهنجي علم تي، خوبصورت کي پنهنجي خوبصورتي ۽ حسن و جمال تي، ۽ مالدار کي پنهنجي مالداري تي وڏائي ڪرڻ جو ڪو بہ حق نٿو پهچي ڇاڪاڻ تہ سڀ ڪجهہ الله تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان آهي. (ايضاً ص 836) يعني ذهانت، علاج ڪرڻ جي صلاحيت، سٺي آواز ۽ سٺي گفتار وغيره جي نعمت وغيره جنهن کي جيڪي ڪجهہ مليو ان ۾ ٻانهي جو پنهنجو ڪو ڪمال ئي ناهي جيڪو ڏنو جيترو ڏنو سڀ الله تعاليٰ ئي ڏنو آهي.

# خود پسندي جو علاج

حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام ابوحامد محمّد بن محمّد بن محمد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الوَالِى فرمائن ٿا: صحابہءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان (متقي، پرهيزگار، سچائي ۽ اخلاص جا پيڪر هجڻ جي باوجود خدا جي خوف سبب) تمنا ڪندا هئا تہ ڪاش! اهي مٽي، ڪک يا پکي هجن ها. (تہ جيئن بُري خاتمي، قبر ۽ آخرت جي عذاب کان بي خوف هجن ها) تہ جڏهن صحابہ جي اها ڪيفيت هئي تہ ڪو سمجهدار شخص ڪهڙي طرح پنهنجي عمل تي وڏائي ڪري يا ناز ڪري سگهي ٿو ۽ ڪهڙي طرح پنهنجي نفس جي معاملي ۾ بي خوف رهي سگهي ٿو! تہ اهو (صحابہءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جو خوف ۽ انهن جي عاجزي ذهن ۾ رکڻ) خود پسندي جو علاج آهي ۽ ان سان ان جو مادو بلڪل پاڙان پٽجي ويندو آهي ۽ جڏهن اهو (يعني صحابہءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي ڊڄڻ جو انداز) دل

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

تي ڇائنجي ٿو تہ نعمت ڪسجي وڃڻ جو خوف ان کي وڏائي (۽ پاڻ کي "ڪجھ" سمجهڻ) کان بچائي ٿو بلڪ جڏهن هو ڪافرن ۽ فاسقن کي ڏسي ٿو تہ ڪنهن غلطي کان سواءِ ئي جڏهن انهن (يعني ڪافرن) کي ايمان کان محروم رهنڌو پيو ۽ انهن (يعني فاسِقن) کي اطاعت ۽ فرمانبرداري کي ڇڏڻو پيو تہ اهو (يعني صحابہءِ ڪرام جو خوف ياد رکڻ وارو شخص) پنهنجي حق ۾ ڊڄندي اها ڳالھ سمجهي وٺندو آهي تہ ربِّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي ذات بي نياز آهي هو چاهي تہ ڪنهن کي، ڪنهن ڏوھ کان سواءِ ئي محروم ڪري ڇڏي ۽ جنهن کي چاهي ڪنهن وسيلي کان سواءِ ئي عطا ڪري ڇڏي. خداءِ بي نياز عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ڏنل نعمت واپس وٺي سگهي ٿو. ڪيترائي مُؤمن (مَعَاذَالله) مُرتَد ٿي ويا جڏهن تہ بيشمار پرهيزگار ۽ اطاعت گذار فاسِق ٿي ويا ۽ انهن جو خاتمو سنو نہ ٿيو. اهڙي طرح جي سوچ سان **خود پسندي** ختم ٿي ويندي آهي. (ايضاً ص 458)

حُبِّ جاہ وخود پسندی کی مِٹا دے عادتیں
یا الٰہی! باغِ جنّت کی عطا کر راحتیں

اٰمِين بِجاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# اِخلاص

**پيارا مدني پُٽ!** ياد رکو! هي بہ شيطان جو هڪ تمام وڏو ۽ بُرو هٿيار آهي جو ماڻهو کي ان خوش فهمي ۾ مبتلا ڪري ڇڏي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ہ سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ہ سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا. (ڪنزالعمال)

تہ آئون ڏاڍو سنو انسان آهيان ۽ مون اسلام جي گهڻي خدمت ڪئي آهي. شيطان جي انهي وار کي ناڪام بڻائيندي بس اهو ئي ذهن ناهي وٺو تہ پنهنجي طور تي مون اجا تائين نہ ڪو دين جو ڪم ڪيو آهي نہ ئي سنا عمل، آئون ڪجهہ بہ ناهيان، آئون سيني کان بُرو آهيان. **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي ڏنل توفيق سان جيڪڏهن ڪو نيڪي جو موقعو نصيب ٿي بہ وڃي تہ انهي کي اخلاص جي زيور سان سينگاريو. اللّٰه تعاليٰ مٺي مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وسيلي سان اوهان کي ۽ اوهان جي صدقي مون گنهگارن جي سردار کي پنهنجو مُخْلِص ٻانهو بڻائي. اٰمين. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو ٻانهو چاليهہ ڏينهن خالص اللّٰه تعاليٰ جي لاءِ عمل ڪري **اللّٰه** تعاليٰ حِڪمت جا چشما ان جي دل مان ان جي زبان تي ظاهر ڪري ڇڏيندو آهي. (الترغيب والترهيب ج 1 ص 24 حديث 13)

## اِخلاص جون پنج وصفون

﴿1﴾ صرف اللّٰه تعاليٰ جي رضا جي لاءِ عمل ڪرڻ ۽ مخلوق جي خوشنودي يا پنهنجي ڪنهن نفساني خواهش کي ان ۾ شامل ٿيڻ نہ ڏيڻ ﴿2﴾ حضرتِ علامہ عبدُالغني نابُلُسي حنفي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي لکن ٿا: اِخلاص ان شيءَ جو نالو آهي تہ ٻانهو عمل سان صرف اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو قُرب حاصل ڪرڻ جو ارادو ڪري، ڪنهن قسم جو دنيوي نفعو مقصد نہ هجي. (الحديقة الندية ج 2 ص 642) ﴿3﴾ حضرتِ سيّدُنا حُذَيْفہ مَرْعَشِي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي فرمائن ٿا: اخلاص ان شيء جو نالو آهي تہ ظاهر ۽ باطن (اڪيلي ۽ ٻين جي موجودگي) ۾ ٻانهي جو عمل هڪجهڙو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

هجي. (المجموع للنووي ج 1 ص 17) **﴿4﴾ حضرتِ سَيِّدُنا مُحاسِبي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي فرمائن ٿا: "اخلاص هي آهي ته جيڪو ربّ عَزَّوَجَلَّ جو معاملو هجي ان مان مخلوق کي ڪڍي ڇڏي." (احياءالعلوم ج 5 ص110) **﴿5﴾ حضرتِ سيّدنا سَهل بن عبدالله تُستَري** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي فرمائن ٿا: اِخلاص هي آهي ته خلوَت ۽ جلوَت (يعني اڪيلائي ۽ ٻين جي موجودگي) ۾ ٻانهي جو هر ڪم ۽ فعل صرف الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ هجي، ان ۾ نفس، خواهش يا دنيا جو ڪو به دخل نه هجي. (المجموع للنووي ج 1 ص 17)

## اخلاص جي معنيٰ "رضاءِ الٰهي جي لاءِ عمل ڪرڻ"

اخلاص عبادت جو روح آهي، صَدرُالشَّريعه، بَدرُالطَّريقه حضرت علامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي فرمائن ٿا: "عبادت ڪا به هجي ان ۾ اِخلاص انتهائي ضروري آهي يعني فقط رضاءِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ عمل ڪرڻ ضروري آهي. ڏيکاءُ جي لاءِ عمل ڪرڻ بالاِجماع حرام آهي، بلڪ حديث ۾ ريا کي شِرڪِ اصغر فرمايو آهي. اخلاص ئي اها شيءِ آهي جو جنهن تي ثواب لکيو وڃي ٿو، ٿي سگهي ٿو ته عمل صحيح نه هجي پر جڏهن اخلاص سان ڪيو ويو هجي ته ان تي ثواب لکيو ويندو، مثلاً بي خبري ۾ ڪنهن نجس (يعني ناپاڪ) پاڻي سان وضو ڪيو ۽ نماز پڙهي جيتوڻيڪ نماز صحيح نه ٿي ڇو ته صحت (يعني دُرُست هجڻ) جي شرط طهارت (يعني پاڪائي) هئي اها نه پائي وئي، پر ان صدقِ نيّت (يعني سچي نيت) ۽ اخلاص سان پڙهي آهي ته ثواب مُرتَّب ٿيندو يعني ان نماز تي ثواب ماڻيندو پر جڏهن بعد ۾ معلوم ٿيس ته ناپاڪ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نه پڙهيو ته تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

پاڻي سان وضو ڪيو هو ته (نماز نه ٿي ۽) اهو مطالبو جيڪو ان جي ذمي آهي اهو ختم نه ٿيندو، اهو بدستور قائم رهندو ان کي ادا ڪرڻو پوندو.“ (بهارِ شريعت جلد 3 ص 636)

## اخلاص هي آهي ته ”پنهنجي عمل جي تعريف“ ناپسند هجي

جن جو ذهن اهو هوندو آهي ته اسان تمام گهڻو علمِ دين حاصل ڪيو، علمِ دين جي تعليم جي امتحان ۾ بين ڪان ممتاز آياسين، ايترو ايترو اسلام جو ڪم ڪيو، ڪتاب لکيا، فُلان فُلان سنا عمل ڪيا، دعوتِ اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ هيترو هيترو عرصو سفر ڪيو، اسان جي تعريف ۽ حوصله افزائي ٿيڻ گهرجي اسان کي تحفو ۽ انعام ملڻ گهرجي، اُهي **شيطان جو هٿيار** ناڪام بڻائيندي هِن حڪايت مان درسِ عبرت حاصل ڪن جيئن ته حضرت عيسيٰ روحُ **الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي حوارين عرض ڪيو: ”ڪنهن جو عمل خالص آهي؟ فرمايائون: ان جو جيڪو **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ عمل ڪري ٿو ۽ ان کي اها ڳالهه پسند نٿي هجي ته ان (عمل) تي سندس ڪير تعريف ڪري!

(احياءالعلوم ج 5 ص 110)

## ”اخلاص“ جي پنجن اکرن جي نسبت سان اخلاص جي باري ۾ بزرگانِ دين جا 5 فرمان

﴿1﴾ حضرت سَيِّدُنا يعقوب مَڪۡفُوف رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا: مُخۡلِص اهو آهي جيڪو پنهنجون نيڪيون اهڙي طرح لڪائي جهڙي طرح پنهنجا گناهه لڪائي ٿو. (احياءالعلوم ج 5 ص 105) ﴿2﴾ حضرت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نه پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

سيّدنا سَرِي سَقَطي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي فرمائن ٿا: جيڪڏهن توهان اِخلاص سان اڪيلائي ۾ ٻه رڪعتون پڙهو ته اها ڳالهه توهان جي لاءِ ستر يا 700 حديثون عمده سَنَدَن سان لکڻ کان بهتر آهي. (ايضاً ص 106) فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: انسان جو اهڙي جڳهه نفل نماز پڙهڻ جتي ماڻهو ان کي نه ڏسندا هجن، ماڻهن جي سامهون ادا ڪئي ويندڙ 25 نمازن جي برابر آهي. (جمع الجوامع ج 5 ص 83 حديث 13620) ﴿3﴾ هڪ بزرگ جو قول آهي: هڪ گهڙي جو اِخلاص هميشه جي ڇوٽڪاري جو سبب آهي پر اخلاص تمام گهٽ ڏٺو وڃي ٿو. (احياءُالعلوم ج 5 ص 106) ﴿4﴾ حضرتِ سيّدنا خَواص رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو شخص رياست (يعني حڪومت ۽ ٻين تي برتري) جو پيالو پيئندو آهي اهو بندگي جي اخلاص کان نڪري ويندو آهي. (ايضاً ص 110) ﴿5﴾ حضرتِ سيّدنا فُضَيل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فرمايو: ماڻهن جي ڪري عمل ڇڏڻ ريا آهي ۽ مخلوق کي ڏيکارڻ جي لاءِ عمل ڪرڻ شرڪِ (اصغر) آهي. (ايضاً ص 110)

## ٽي عطائون ٽي محروميون

ڪجهه بزرگن فرمايو: الله تعاليٰ جڏهن ڪنهن ٻانهي کي ناپسند ڪندو آهي ته ان کي ٽي ڳالهيون عطا ڪندو آهي ۽ ٽن ڳالهين کان روڪي ڇڏيندو آهي ﴿1﴾ ان کي صالح (يعني نيڪ) ٻانهن جي صحبت ته عطا ڪندو آهي پر اهو ٻانهو انهن جي ڪا ڳالهه قبول ناهي ڪندو ﴿2﴾ ان کي سنن عملن جي توفيق ته ڏيندو آهي پر ان کي اخلاص سان ناهي نوازيندو ﴿3﴾ ان کي حڪمت ته عنايت فرمائيندو آهي پر ان کي ان ۾ صداقت کان محروم رکندو آهي. (ايضاً ص 106)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

## 30 سالن جون نمازون قضا ڪيون

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا مون 30 سالن جون نمازون قضا ڪيون، سبب ان جو اهو ٿيو تہ آئون هميشہ هر نماز پهرين صف ۾ با جماعت ادا ڪندو رهيس. 30 سالن ڪان پوءِ ڪنهن مجبوري جي سبب دير ٿي ويئي ۽ مون کي ٻي صف ۾ جڳهہ ملي، ان سان مون کي شرمندگي محسوس ٿي تہ اڄ ماڻهو ڇا چوندا! اهو خيال اچڻ سبب مون کي خبر پئجي ويئي تہ جڏهن ماڻهو مون کي پهرين صف ۾ ڏسندا هئا تہ ان سان مون کي خوشي ٿيندي هئي ۽ اها ڳالهہ منهنجي دل جي راحت جو سبب هئي. (نہ تہ مون کي شرمندگي ڇو ٿئي ها تہ اڄ ماڻهو ڇا چوندا! ڄڻ تہ 30 سالن ۾ آئون ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ پهرين صف ۾ نماز پڙهندو رهيو آهيان!) (احياءالعلوم ج 5 ص 108 بتصرف)

## حڪايت: نہ ثواب مليو نہ عذاب

هڪ طويل روايت ۾ آهي تہ هڪ بزرگ وفات ڪان پوءِ ڪنهن کي خواب ۾ فرمايو: مون هڪ صدقو ماڻهن جي سامهون ڏنو تہ انهن جو مون ڏانهن نهارڻ مون کي پسند آيو تہ مون انتقال ڪان پوءِ ڏٺو تہ نہ مون کي ان جو ثواب مليو ۽ نہ ئي ان تي عذاب ٿيو. حضرتِ سيّدنا سُفيان ثَوري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ القَوِي کي جڏهن اهو واقعو ٻڌايو ويو تہ فرمايائون: اهو انهن جو سنو مال آهي جو عذاب نہ ٿيو اهو تہ عين احسان آهي. (احياء العلوم ج 5 ص 105)

# مُبَلِّغ تي شيطان جو وار

حُجَّۃُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد بن محمد غزالي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْوَالِی فرمائن ٿا: (ڪجھ واعِظ ۽ مُبلغ) ان ڳالھ تي خوش ٿيندا آهن تہ ماڻهو انهن جي ڳالھ ڌيان سان ٻڌندا ۽ قبول ڪندا آهن ۽ اهڙو واعظ (يا مُبلغ) دعويٰ ڪندو آهي تہ منهنجي خوشي جو سبب هي آهي تہ الله تعاليٰ دين جي حمايت منهنجي لاءِ آسان ڪري ڇڏي. جيڪڏهن هِن (واعظ يا مُبلغ) جو ڪو همعَصر ان ڪان سٺو وعظ (يا بيان) ڪندو هجي ۽ ماڻهو هِن ڪان هٽي ڪري ان ڏانهن متوجھ ٿي وڃن تہ اها ڳالھ اُن کي بُري لڳندي آهي ۽ هو غمگين ٿي ويندو آهي، جيڪڏهن (ان جي اندر اخلاص هجي ها ۽) ان جي وعظ (۽ بيان) جو سبب دين هجي ها (۽ ان جي نظرن آڏو فقط الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا هجي ها) تہ هو الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪري ها تہ الله تعاليٰ اهو ڪم ٻئي جي حوالي ڪري ڇڏيو. اهڙي موقعي تي شيطان ان کي چوندو آهي: تون انهي لاءِ غمگين ناهين جو ماڻهو توکي ڇڏي ٻي طرف هليا ويا، بلڪ تنهنجي ڏک جو سبب هي آهي تہ تو ڪان ثواب هليو ويو، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن اهي ماڻهو تنهنجي ڳالھ سان نصيحت حاصل ڪن ها تہ توکي ثواب ملي ها ۽ تنهنجو ثواب جي وڃڻ تي غمگين ٿيڻ سٺو آهي ۽ ان ويچاري (واعِظ يا مبلغ) کي خبر ناهي تہ تبليغ جو ڪم پاڻ ڪان افضل کي سونپڻ وڌيڪ ثواب جو باعث آهي ۽ پاڻ اڪيلي تبليغ ڪرڻ جي مقابلي ۾ ان صورت ۾ وڌيڪ ثواب ٿيندو. (احياءالعلوم ج 5 ص 109 ملخصاً)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

# عالم جون ٻہ رڪعتون جاهل جي سڄي سال جي عبادت کان افضل

حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد بن محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الوَالِي فرمائن ٿا: دل جي کوٽ، شيطان جو مَڪر و فريب ۽ نفس جي خباثت انتهائي لڪيل هوندي آهي، انهيءَ لاءِ چيو ويو آهي: ”عالم جون ٻہ رڪعتون جاهل جي هڪ سال جي عبادت کان افضل آهن“ ۽ ان مان اُهو عالم مراد آهي جيڪو عمل جي باريڪ ۽ دقيق آفتن جي بصيرت (سُڄاڻپ) رکندو هجي تہ جيئن انهن آفتن کان پنهنجن عملن کي صاف ڪري سگهي، ڇاڪاڻ تہ جاهل جي نظر ظاهري عبادت تي هوندي آهي ۽ انهيءَ ڪان هو ڌوکو کائي ويندو آهي. (ايضاً ص 112)

# حڪايت: 60 سال ڪعبي جو خادم

حضرتِ سيّدنا عبدالعزيز بن ابي روَّاد عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الجَوَاد جن فرمايو: آئون هِن گهر (ڪعبةُ الله شريف) جو 60 سال مُجاوِر (يعني خادم) رهيس ۽ مون 60 حج ڪيا (پوءِ عاجزي ڪندي فرمائڻ لڳا) پر مون الله تعاليٰ جي لاءِ جيڪو بہ عمل ڪيو ان ۾ جڏهن پنهنجي نفس جو مُحاسَبو ڪيو (يعني جڏهن انهن عملن جي جانچ ڪئي، اِخلاص کي ڳوليو تہ ايتري قدر گهٽ نڪتو جو) شيطان جو حصو الله تعاليٰ جي حصي کان وڌيڪ ڏٺو! ڪاش! منهنجو حساب برابر هجي جيڪڏهن (آخرت ۾) نفعو نہ ٿئي تہ نقصان بہ نہ ٿئي. (ايضاً ص115) اِخلاص جي گهٽتائي، خودپسندي، ڏيکاءُ وغيره شيطان جا حصا آهن جڏهن تہ عمل ۾ مڪمل اخلاص

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

هجڻ الله تعاليٰ جو حصو آهي.

## بدگماني ڀريل تحرير جي نشاندهي

پيارا مدني پُٽ! شيطان جي هٿيار ڪي سُڃاڻڻ جي ڪوشش ڪندي اوهان پنهنجي ميل جي انهن جملن تي غور فرمايو! "**هاڻي دعوتِ اسلامي جي ذميدارن جون شفقتون صرف شاهوڪار ماڻهن جي لاءِ آهن.**"...... "جيڪڏهن آئون شاهوڪار هجان ها ته ائين نه ٿئي ها" ۽ پڻ خط جي آخر ۾ ڏنل شعر به بي مهل هجڻ جي سبب پنهنجي اسلامي ڀائرن تي ڀرپور طنز ۽ انهن جي بي عزتي ۽ حقارت تي مشتمل آهي. اوهان جي ميل ۾ ڪجهه ذميدارن سان لاڳاپيل اهي شڪوه شڪايتون به ڪيون ويون آهن ته "تعزيت ڪون ڪئي، يا فُلان تعزيت جو فون ڪيو پر ايصالِ ثواب نه ڪيو، فُلان فُلان ڪي ايصالِ ثواب جي مجلس جي دعوت ڏني پر نه آيا ...... **ڇو جو غريب ماڻهو آهيان**" وغيره. اِن طرح جون شڪايتون انهن مسلمانن جي رسوائي ۽ انهن کي ڊي گريڊ ڪرڻ واريون آهن. ۽ وڌيڪ اهي الفاظ ته "ڇو جو آئون غريب ماڻهو آهيان" ۾ بدگماني جو واضح اشارو موجود آهي ڇاڪاڻ ته ان جو صاف مطلب اهو ئي نڪري ٿو ته آئون مالدار هجان ها ته مون وٽ ضرور اچن ها . ۽ پڻ ميل ۾ اِتي ڪِن جا نالا نه آهن پر اشارن جي ترڪيب آهي جنهن سان ڪيترن ئي ذميدارن کي انهن اسلامي ڀائرن جي سُڃاڻپ ٿي سگهي ٿي.

## بدگماني جون تباهه ڪاريون

**ميل** ۾ اهو اظهار ناهي ڪيو ويو ته اهي شڪايتون انهيءَ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

لاءِ ڪيون ويون آهن جو فُلان فُلان جي اصلاح ڪئي وڃي بلڪ صرف ”اندر جي باهہ“ ڪڍي ويئي آهي جِن جو بدگمانين تي مشتمل هجڻ ظاهر آهي. شيطان جو تمام وڏو ءِ بُرو هٿيار آهي اها بدگماني خاندانن کي تباهہ ڪندي ءِ اڪثر ڪري ديني خدمتن ۾ رڪاوٽ پيدا ڪري هڪٻئي جي خلاف ”لابنگ“ تي اُڀاريندي، غيبتن، چغلين، تهمتن، دل آزارين وغيره گناهن جا سيلاب آڻيندي، دنيا جو سڪون برباد ڪرڻ سان گڏوگڏ آخرت جي بربادي جا سبب بڻائيندي ءِ ائين شيطان جي مراد پوري ڪندي آهي. شيطان جي ان خوفناڪ هٿيار ”بدگماني“ جي تباهہ ڪارين جي باري ۾ ڪجهہ گذارشون پيشِ خدمت آهن: سيپارو 26 سُوْرَةُ الْحُجُرٰت آيت نمبر 12 ۾ ربِّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جو ارشاد پاڪ آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اجْتَنِبُوْا كَثِيْرًا مِّنَ الظَّنِّ ۫ اِنَّ بَعْضَ الظَّنِّ اِثْمٌ

**ترجمو ڪنز الايمان:** اي ايمان وارؤ! گهڻن گمانن کان بچو، بيشڪ ڪو گُمان گُناهہ ٿي ويندو آهي.

حضرتِ علامہ عبدالله بن عمر شيرازي بيضاوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي ڪثرتِ گمان کان منع جي حڪمت بيان ڪندي ”تفسير بيضاوي“ ۾ لکن ٿا: ”تہ جيئن مسلمان هر گمان جي باري ۾ محتاط ٿي وڃي ءِ غور و فڪر ڪري تہ هي گمان ڪهڙي قبيل (يعني قِسم) مان آهي. (آيا سنو آهي يا بُرو؟) (تفسير بيضاوي ج 5 ص 218)

هِن آيتِ شريف ۾ ڪجهہ گمانن کي گناهہ قرار ڏيڻ جو سبب بيان ڪندي امام فخرُالدّين رازي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الهَادِي لکن ٿا: چاڪاڻ تہ ڪنهن شخص جو ڪم (ڪڏهن ڪڏهن) ڏسڻ ۾ تہ بُرو لڳندو آهي پر

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

حقيقت ۾ ائين ناهي هوندو، تي سگهي ٿو ته ڪرڻ وارو ان ڪي پُلجي ڪري رهيو هجي يا ڏسڻ وارو ئي پاڻ غلطي تي هجي.“ (تفسيرِ ڪبير ج 10 ص 110)

# بدگماني حرام آهي

ٻه فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ بدگماني ڪان بچو بيشڪ بدگماني بد ترين ڪوڙ آهي. (بخاري ج 3 ص 446 حديث 5143) ﴿2﴾ مسلمان جو خون، مال ۽ ان سان بدگماني (ٻئي مسلمان تي) حرام آهي. (شعب الايمان ج 5 ص 297 حديث 6706)

# بدگماني جي وصف

بدگماني مان مراد هي آهي ته ”بِنا دليل ٻئي جي بُري هجڻ جو دل سان اِعتِقادِ جازم (يعني يقين) ڪرڻ.“ (ماخوذ از فيضُ القدير ج 3 ص 122 تحت الحديث 2901 وغيره) بدگماني سان بُغض ۽ حسد جهڙا باطني مرض به پيدا ٿين ٿا.

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّه عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: حُسْنُ الظَّنِ مِنْ حُسْنِ الْعِبَادَة يعني ”سنو گمان سني عبادت مان آهي.“ (ابو داؤد ج 4 ص 387 حديث 4993)

خدایا عطا کر دے رحمت کا پانی
رہے قلب اُجلا دُھلے بدگمانی

# بدگماني ڇو حرام آهي

حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد بن محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا: ”بدگماني جي حرام هجڻ جو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

سبب هي آهي تہ دل جي رازن کي صرف الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو، تنهنڪري توهان جي لاءِ ڪنهن جي باري ۾ بُرو گمان رکڻ اُن وقت تائين جائز ناهي جيستائين توهان ان جي برائي اهڙي طرح ظاهر نہ ڏسو جو ان ۾ تاويل (يعني بچاءُ جي دليل) جي گنجائش نہ رهي، بس اُن وقت توهان کي مجبوراً انهي ئي شيءَ جو يقين رکڻو پوندو جنهن کي اوهان ڄاڻيو ۽ ڏٺو آهي، ۽ جيڪڏهن اوهان اُن جي بُرائي کي نہ پنهنجي اکين سان ڏٺو ۽ نہ ئي ڪنن سان ٻڌو پر پوءِ بہ اوهان جي دل ۾ ان جي باري ۾ بُرو گمان پيدا ٿيو تہ سمجهي وجو تہ اها ڳالهہ اوهان جي دل ۾ شيطان وِڌي آهي، اُن وقت توهان کي گهرجي تہ دل ۾ اچڻ واري اُن گمان کي ڪوڙو ثابت ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ اها (بدگماني) سڀ کان وڏو فِسق آهي." وڌيڪ لکن ٿا: "ايستائين جو جيڪڏهن ڪنهن شخص جي مُنهن مان شراب جي بدبو اچي رهي هجي تہ اُن کي شرعي حد لڳائڻ جائز ناهي، ڇاڪاڻ تہ ٿي سگهي ٿو تہ اُن شراب جو ڏُڪ پرينديءَ ئي گُرڙي ڪري ڇڏي هجي يا ڪنهن اُن کي زبردستي شراب پياريو هجي، جڏهن اهي سڀ اِحتِمال (يعني شُبها) موجود آهن تہ شرعي ثبوت کان سواءِ صرف دلي خيالن جي بنياد تي تصديق ڪرڻ ۽ ان مسلمان جي باري ۾ (شرابي هجڻ جي) بدگماني ڪرڻ جائز ناهي." (احياءالعلوم ج 3 ص 186)

بدگماني تمام وڏي ۽ بُري آفت آهي، اها انسان کي جهنّم ۾ پهچائي سگهي ٿي ان جي باري ۾ ضروري احڪام ۽ ان جو علاج ڄاڻڻ "فرض" آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

# ”حُسنُ الظن“ جي سٺن اثرن جي نسبت سان بدگماني جا مختصر 7 علاج

## ﴿1﴾ مسلمان جي خوبين تي نظر رکو

مسلمانن جي خامين جي تلاش جي بدران انهن جي خوبين تي نظر رکو، جيڪو انهن جي باري ۾ حُسنِ ظَن رکندو آهي اُن جي دل ۾ راحتن جو قيام ۽ جنهن تي شيطان جو هٿيار ڪم ڪري وڃي ۽ اُهو بدگماني جي بُري عادت ۾ مبتلا ٿي وڃي، اُن جي دل ۾ وحشتن جو نڪاٽو بڻجي ويندو آهي.

## ﴿2﴾ بدگماني ٿئي تہ ڌيان هٽائي ڇڏيو

جڏهن بہ ڪنهن مسلمان جي باري ۾ دل ۾ بُرو گمان اچي تہ اُن کي ڪڍي ڇڏيو ۽ اُن جي عمل تي سٺو گمان قائم ڪرڻ جي ڪوشش فرمايو. مثلاً ڪنهن اسلامي ڀاءُ کي نعت يا بيان ٻڌندي روئيندي ڏسي ڪري اوهان جي دل ۾ اُن جي باري ۾ رياڪاري جي بدگماني پيدا ٿئي تہ فوراً ان جي اِخلاص سان روئڻ جي باري ۾ حُسنِ ظن قائم ڪري وٺو. حضرتِ سيّدنا مَڪحُول دمشقي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي فرمائن ٿا: ”جڏهن توهان ڪنهن کي روئيندو ڏسو تہ پاڻ بہ روئو ۽ اُن کي رياڪار نہ سمجهو، مون هڪ دفعي ڪنهن شخص جي باري ۾ اهو خيال ڪيو تہ آئون هڪ سال تائين روئڻ کان محروم رهيس.“ (تنبيه المغترين ص 107)

خدا! بدگمانی کی عادت مٹا دے
مجھے حُسنِ ظن کا تو عادی بنا دے

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

## ﴿3﴾ پاڻ نيڪ ٿيو ته جيئن ٻيا به نيڪ نظر اچن

پنهنجي اصلاح جي ڪوشش جاري رکو ڇاڪاڻ ته جيڪو پاڻ نيڪ هوندو اهو ٻين جي باري ۾ به نيڪ گُمان (يعني سٺا خيال) رکندو آهي جڏهن ته جيڪو پاڻ خراب هجي ان کي ٻيا به خراب ئي ڏسڻ ۾ ايندا آهن. عربي چوڻي آهي: اِذَا سَاءَ فِعْلُ الْمَرْءِ سَاءَتْ ظُنُوْنُهٗ يعني جڏهن ڪنهن جا ڪم بُرا ٿي وڃن ته ان جا گمان (يعني خيال) به بُرا ٿي ويندا آهن. (فيض القدير، ج 3 ص 157) **امام اهلسنّت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاه امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن نقل ڪن ٿا: "**خبيث گمان خبيث دل ئي مان نڪرندو آهي.**" (فتاويٰ رضويه ج 22 ص 400)

مِرا تن صفا ہو مِرا مَن صفا ہو
خدا! حُسنِ ظن کا خزانہ عطا ہو

## ﴿4﴾ بُري صحبت بُرا گمان پيدا ڪندي آهي

بري صحبت کان بچندي نيڪ صحبت اختيار ڪريو، جتي ٻيون برڪتون ملنديون اتي بدگماني کان بچڻ ۾ به مدد حاصل ٿيندي. حضرتِ سيّدنا بِشْر بن حارث رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: صُحْبَةُ الْاَشْرَارِ تُوْرِثُ سُوْءَ الظَّنِّ بِالْاَخْيَارِ يعني بُرن جي صحبت سٺن سان بدگماني پيدا ڪري ٿي. (رسالو قشيريه ص 327)

بُری صُحبتوں سے بچا یاالٰہی
تو نیکوں کا سَنگی بنا یاالٰہی

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

## ﴿5﴾ ڪنهن تي بدگماني پيدا ٿم پاڻ کي عذابِ اِلٰهي سان ڊيڄاريو

جڏهن به دل ۾ ڪنهن مسلمان جي باري ۾ بدگماني پيدا ٿئي ته پاڻ کي بدگماني جي انجام ۽ عذابِ اِلٰهي سان ڊيڄاريو. سيپارو 15 سُوْرَةُ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْل جي آيت نمبر 36 ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ جو فرمانِ عبرت نشان آهي:

وَلَا تَقْفُ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ؕ اِنَّ السَّمْعَ وَالْبَصَرَ وَالْفُؤَادَ كُلُّ اُولٰٓئِكَ كَانَ عَنْهُ مَسْـُٔوْلًا ﴿۳۶﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ ان ڳالھ پٺيان نہ پئو جنهن جي توکي ڄاڻ نہ آهي بيشڪ ڪن ۽ اکيون ۽ دل سڀني کان پڇا ٿيڻي آهي.

مٺا مٺا مدني پٽ! ڪنهن مسلمان جي باري ۾ بدگماني پيدا ٿئي ته پنهنجو پاڻ کي هيئن ڊيڄاريو ته وڏو عذاب ته پري رهيو منهنجي حالت ته هي آهي جو جهنم جو سڀ کان هلڪو عذاب به برداشت نہ ڪري سگهندس. آھ! هلڪو عذاب به ڪيتري قدر خطرناڪ آهي! بخاري شريف ۾ حضرت سيّدنا ابنِ عباس رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان روايت آهي، رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: "دوزخين ۾ سڀ کان هلڪو عذاب جنهن کي ٿيندو ان کي باھ جا جوتا پارايا ويندا جنهن سان ان جو دماغ ٽهڪڻ لڳندو." (بخاري ج 4 ص 262 حديث 6561)

جهنّم سے مجھ کو بچا یاالٰہی
مجھے نیک بندہ بنا یاالٰہی

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻہ سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا. (ڪنزالعمال)

## ﴿6﴾ ڪنهن جي باري ۾ بدگماني ٿئي تہ پاڻ لاءِ دعا ڪريو

جڏهن بہ ڪنهن جي باري ۾ ”بدگماني“ ٿيڻ لڳي تہ پنهنجي پياري **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ هيئن دعا ڪريو: يا ربّ مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ! تنهنجو هي ڪمزور ٻانهو دنيا ۽ آخرت جي تباهي کان بچڻ جي لاءِ هن بدگماني کان پنهنجي دل کي بچائڻ چاهي ٿو. يا **الله** عَزَّوَجَلَّ! مون کي شيطان جي خطرناڪ هٿيار ”بدگماني“ کان بچاءِ. منهنجا پيارا پيارا **الله** عَزَّوَجَلَّ!مون کي پنهنجي خوف سان معمور دل، روئڻ واري اک ۽ ڏڪڻ وارو بدن عطا فرما.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## ﴿7﴾ جنهن لاءِ بدگماني ٿئي ان لاءِ دعاءِ خير ڪريو

جڏهن بہ ڪنهن اسلامي ڀاءُ لاءِ دل ۾ بدگماني اچي تہ ان جي لاءِ دعاءِ خير ڪريو ۽ ان جي عزّت ۽ اڪرام ۾ اضافو ڪري ڇڏيو. **حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد بن محمد غزالي** عَلَيْہِ رَحْمَةُ اللّٰہِ الْوَالِی **ارشاد فرمائن ٿا:** ”جڏهن تنهنجي دل ۾ ڪنهن مسلمان جي باري ۾ بدگماني اچي تہ توکي گهرجي تہ ان جي رعايت (يعني عزّت ۽ آدر ڀاءُ وغيره) ۾ اضافو ڪر ۽ ان جي لاءِ دعاءِ خير ڪر، ڇوتہ اها شيءِ شيطان کي ڪاوڙ ڏياري ٿي ۽ ان کي (يعني شيطان کي) تو کان پري ڀڄائي ٿي، ائين شيطان ٻيهر تنهنجي دل ۾ برو گمان وجهندي ڊڄندو جو ڪٿي تون وري پنهنجي ڀاءُ جي رعايت ۽ ان جي لاءِ دعاءِ خير ۾ مشغول نہ ٿي وڃين.“ (احياءُ العلوم ج 3 ص 187) (بدگماني بابت اڪثر مواد مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل رسالي ”بدگماني“ مان ورتو ويو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

آهي، اهو رسالو مڪمل پڙهڻ تمام فائديمند آهي)

مجھے غیبت و چغلی و بد گمانی
کی آفات سے تُو بچا یاالٰہی (وسائلِ بخشش ص۸۰)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جيڪو لکڻ ۾ خطا ڪري وجي ٿو اهو ڳالهائڻ ۾ خبر ناهي ڇا ڇا چئي ويندو هوندو!

عام طور تي ماڻهو تمام سوچي سمجهي خط وغيره لکندو، ۽ لکي ان جي نوڪ پلڪ سنواريندو ۽ ڪاٽ ڪوٽ ڪندو آهي تہ جئين سندس ڪا غلط تحرير ڪنهن جي هٿ ۾ نہ هلي وڃي تہ هاڻي ايتري احتياطن جي باوجود بہ جنهن تي شيطان جو هٿيار هلي ويندو هجي ۽ هو غير محتاط ۽ گناهن ڀريا الفاظ لکي ڇڏيندو هجي خدا ڄاڻي جڏهن اهو ڳالهائڻ تي ايندو هوندو تہ ان جي زبان مان خبر ناهي ڇا ڇا نڪري ويندو هوندو!

## بدگماني جي باري ۾ اعليٰ حضرت جي فتويٰ

بدگماني جي متعلق "فتاويٰ رضويہ" مان مختصر ڪيل سوال جواب ملاحظہ فرمايو:

**سوال:** زيد چوي ٿو اڄڪلھ عام طور تي فخر، وڏائي ۽ پنهنجي واھ واھ ڪرائڻ لاءِ دعوتون ڏنيون وڃن ٿيون، تنهنڪري هو (يعني زيد) ڪنهن دعوت ۾ نہ ٿو وڃي.

**جواب:** دعوت قبول ڪرڻ سنّت آهي....... ۽ هاڻي هڪ مسلمان تي بنا دليل جي اهو گمان ڪيو تہ هن جي نيّت ڏيکاءُ، فخر ۽ مشهوري

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

جي آهي تہ اهو حرامِ قطعي ٿيو. غيرمُعَيّن تي حڪم ڪنهن مُعَيّن مسلمان جي لاءِ سمجهي ونڻ بدگماني آهي جيستائين ان جا قرائن واضح نہ هجن ۽ بدگماني حرام. (مخلّص از فتاويٰ رضويه ج 21 ص 672، 673)

## جنازي جي نماز ۽ ايصالِ ثواب جي باري ۾ ناراضگي ڪان بچائڻ وارا مدني گل

هي مسئلا ذهن نشين فرمائي ونو: (1) مسلمان جي نمازِ جنازه فرضِ ڪفايہ آهي جن جن ڪي اطلاع مليو انهن مان ڪجھ ماڻهن ادا ڪري ورتي تڏهن بہ فرض ادا ٿي ويو تہ هاڻي جيڪي نہ آيا اهي گنهگار نہ آهن، انهن نہ اچڻ وارن جي باري ۾ بدگمانيون ضرور گناهہ آهن، انهن جي مخالفت جي هرگز اجازت ناهي. (2) تعزيت (عذر خواهي) مَسنون آهي، ايصالِ ثواب يا ان جي مجلس ۾ شرڪت مستضحب آهي. اطلاع هئڻ جي باوجود جيڪڏهن ڪنهن تعزيت يا مجلس ۾ شرڪت نہ ڪئي تہ هو شرعًا گنهگار نہ ٿيو، ان تي تهمت هڻڻ، غيبت، بدگماني ڪرڻ ۽ ان ڪي برو ڀلو چوڻ وارو ضرور گنهگار ۽ عذابِ نار جو حقدار آهي. حق تہ هي آهي تہ بالفرض مجلس ۾ شرڪت نہ ڪرڻ گناهہ هجي تڏهن بہ مسلمان جو پردو رکڻ جو حڪم آهي، هاڻي جڏهن تہ گناهہ ئي ناهي تہ پوءِ ان تي زبانِ طعن کولڻ ڪِٿان جي نيڪي آهي! ياد رکو! فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: هر مسلمان جي عزّت، مال ۽ جان ٻئي (مسلمان) تي حرام آهي. (ترمذي ج 3 ص 372 حديث 1934)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

## دلجوئي نہ ڪرڻ جا ٻہ نقصان

ها مُروَّت جو تقاضو اهو ئي آهي تہ جيڪڏهن ڄاڻ سُڃاڻ وارن مان ڪنهن تي ڪا مصيبت اچي وڃي تہ اخلاقي طور تي انهن وٽ وڃڻ گهرجي. ڏکايلن جي دلجوئي ڪان پاڻ کي محروم رکڻ جا ٻہ نقصان واضح آهن: (1) خود پنهنجي ثواب کان محرومي (2) ان ڏکويل اسلامي ڀاءُ جي دل ۾ وسوسا اچڻ ۽ ان جي مدني ماحول ڪان پري ٿيڻ جو انديشو.

## شخصيتن سان تعلقات جي متعلق اهم وضاحتون

مسجدن يا مدرسن يا مدني مرڪز فيضانِ مدينہ جي تعميرات ۽ ٻين مدني ڪمن جي لاءِ عطيّات جي حاصل ڪرڻ جي حِرص ۾ ڪنهن سرمائيدار سان ننڍي ذميدار جو وڏي ذميدار سان فون تي ڳالهہ يا ملاقات ڪرائڻ يقيناً آخرت جي ثواب جو باعث آهي ۽ حسنِ نيّت جي بنياد تي ان ۾ ضرور جنّت جو حقدار آهي، ان قسم جي نيڪي جي عظيم مدني ڪم تي تنقيد يا شڪوه شڪايت هرگز صحيح نہ آهي. ائين ڪرڻ وارن ذميدارن تي مالدارن جي چاپلوسي ۽ خوشامد جي بدگماني حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي، بلڪ ڪو بنا ڪنهن سبب بہ مالدارن سان تعلقات رکي تہ حرج ناهي جڏهن تہ ڪا بي شرعي ممانعت نہ هجي. ها دنيادار جي صحبت ۽ بي مقصد دوستي ۾ ڀلائي جي اميد گهٽ ۽ نقصان جو پاسو غالب آهي، خاص ڪري عالمن، نيڪن ۽ مُبلّغن وغيره کي احتياط وڌيڪ مناسب آهي جئين ماڻهو بدگمانين جي گناهن ۾ نہ پَون.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نه پڙهي. (حاڪم)

# ڇا شخصيت جو تعزيت ڪرڻ آخرت جي لاءِ باعثِ سعادت آهي؟

انتهائي معذرت سان عرض آهي، اوهان جي ميل مطابق اوهان جناب جي امڙ سائڻ جي تعزيت جي لاءِ به ته ”وڏين وڏين شخصيتن“ جو اچڻ ٿيو هو! ظاهر آهي ائين بغير تعلقات جي ناهي ٿيندو، بلڪ اڪثر ڪري وڏين شخصيتن جي ذريعي تعزيت جي ”سعادت“ پائڻ جي لاءِ به سفارشن ۽ ترڪيبن جي ضرورت پوندي آهي! ها مدني شخصيتن يعني عالمن ۽ نيڪن جي تشريف آوري يقينًا سعادتِ دارين جو سبب آهي. ڪنهن دنياوي آفيسر جي آفيسري سان فوت ٿي ويلن جي وارثن جي واهه واهه ته ٿي سگهي ٿي پر جيڪي دنيا مان وڃي چڪا آهن انهن کي آخرت جو ڪهڙو فائدو پهچي سگهي ٿو! عهدي جي ڪري اهڙن جي اچڻ جي خواهش ۽ اچن ته خوشي مان ڦوندجي ٻين سان تذڪرو ڪرڻ ته پاڻ وٽ ته فلاڻو فلاڻو آفيسر ۽ ليڊر به تعزيت جي لاءِ آيو هو! يقين ڪريو ته ان انداز ۾ حُبِّ جاه (يعني عزّت ۽ شهرت سان محبت) جو انديشو تمام گهڻو موجود آهي! بهرحال ”دنياوي شخصيتن“ سان تعلقات رکڻ واري، انهن سان فون تي ڳالهه ڪرڻ، ڪرائڻ واري جي ان جي پنهنجي نيّت ان سان، اسان دلين تي حڪم لڳائڻ وارا ڪير ٿيندا آهيون! اسان کي انهن جي باري ۾ سنو سوچڻ کپي، مسلمانن جي افعالن جي باري ۾ سنو حُسنِ ظن رکڻ ضروري آهي، **اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهه امام احمد رضا خان** عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: مسلمان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

جو فعل حتّي الامڪان مُحمَلِ حَسَن تي مَحمول (يعني سٺو گمان ڪرڻ) واجب آهي. ۽ ”بدگماني“ ريا کان ڪجھ گهٽ حرام ڪونهي. (فتاويٰ رضويه ج 5 ص 324) اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ ٻي جڳهه تي فرمائن ٿا: ”مسلمان جو حال جيترو ٿي سگهي صَلاح (يعني ڀلائي) تي حَمل ڪرڻ (يعني سٺوگمان ڪرڻ) واجب آهي.“ (ايضًا ج 19 ص 691)

## واعدو ڪري نہ اچڻ وارن جي باري ۾ حُسنِ ظن

جيڪڏهن واعدو ڪري بہ ڪو مجلسِ ايصالِ ثواب ۾ نہ آيو تہ ان تي حسنِ ظن ئي رکجي تہ ڀلجي ويو هوندو، ڪا مجبوري ٿي ويئي هوندي وغيره. جيڪڏهن واعدو ڪرڻ ۽ ياد هئڻ جي باوجود بہ نہ آيو تڏهن بہ بدگماني جي واٽ ناهي، ڇو تہ وعده خلافي جي وصف هي آهي تہ ”واعدو ڪرڻ وقت ئي نيّت اها هجي تہ آئون جيڪو چئي رهيو آهيان اهو ڪونہ ڪندس.“ تنهنڪري جيڪڏهن بعد ۾ ارادو تبديل ٿي ويو تڏهن بہ وعده خلافي ڪونهي. معلوم ٿيو تہ واعدو هئڻ جي باوجود مجلس ۾ شرڪت نہ ڪرڻ جي تعلق سان حسنِ ظن جو پهلو موجود آهي.

## پنهنجو قول نڀائڻ گهرجي

البت ”ها“ ڪرڻ واري کي هر ممڪن صورت ۾ پنهنجو قول نڀائڻ گهرجي تہ جئين ماڻهو بدظن نہ ٿين ۽ بدگمانين، تهمتن، عيب ڪڍڻ ۽ غيبتن جا دروازا نہ کلن. خاص ڪري موت ميّت جي باري ۾ سيني اسلامي ڀائرن کي جنازن ۾ شرڪت ۽ تعزيت ڪري، ۽ پڻ ايصالِ ثواب جي مجلسن ۾ حاضري ڏيئي پنهنجو ثواب پڪو ڪرڻ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

گهرجي، اهڙي طرح گناهن جا دروازا بند ٿيندا ۽ محبتن جا رشتا مضبوط ٿيندا آهن. اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويه شريف جلد 8 صفحي 98 کان 99 تي نقل ڪن ٿا ته حديث ۾ آهي: "ايمان بِالله کان پوءِ سڀ کان وڏي عقلمندي ماڻهن سان محبت ڪرڻ آهي." (شعب الايمان ج 6، ص 255، حديث 8061) بي صحيح حديث ۾ آهي: رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: بَشِّرُوْا وَلَا تُنَفِّرُوْا يعني محبت ڦهلايو نفرت نه ڦهلايو. (بخاري ج 1 ص 42 حديث 69)

## خبردار! اجائي وضاحت ڪٿي گناهن ۾ نه وجهي

مٺا مٺا مدني پٽ! شيطان جي هٿيار کان خبردار! اهڙي موقعي تي هي مردود ماڻهو کي خوب اُڪسائيندو، ناصِح (يعني نصيحت ڪرڻ واري) جي مخالفت تي اُڀاريندو ۽ دل جي اندر وسوسا وجهندو آهي ته ڪوڙ سوڙ هڻ، هيئن ۽ هيئن چئو مثلاً منهنجي نيّت اها نه هئي منهنجو مقصد اهو نه هو، منهنجي مراد ته هي هئي وغيره، وڏيڪ اهو به وسوسو وجهندو آهي ته جيڪڏهن ائين نه ڪندين ته ڏس تنهنجي بي عزتي ٿي ويندي! افسوس! شيطان جي چال جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي غلطي جي باوجود غلط سلط وضاحتون شروع ٿي وينديون آهن. ها ضمير جي آواز تي صحيح وضاحت ڪري سگهجي ٿي بلڪ ڪڏهن ته ائين ڪرڻ سخت ضروري هوندو آهي.

## کرلے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی

پيارا مدني پٽ! مون کان هرگز خفا نه ٿِجان! ڏسو نه! علاج

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏھ رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

جي لاءِ مريض کي ڪڙين دوائن ۽ انجيڪشنن کان علاوه ضرورتًا آپريشن جي عمل مان بہ گذرڻو پوندو آهي، ڇو تہ انهي ۾ مريض جو پنهنجو ڀلو هوندو آهي، تنهنڪري هو ناراض ٿيڻ جي بجاءِ ڊاڪٽر کي گهڻي رقم ادا ڪرڻ سان گڏوگڏ ان جو شڪر گذار بہ ٿيندو آهي. مون جُرئت ڪري شيطان جا ڪجھ هٿيار اوهان تي ظاهر ڪري اوهان جي ڪجھ "مرضن" جي نشاندهي ڪري علاج جا ڪجھ مدني گل پيش ڪيا آهن، اميد آهي اوهان سان گڏوگڏ ٻين اسلامي ڀائرن تائين بہ اهي مدني گل پهچندا انهن لاءِ ان شآءَالله دنيا ۽ آخرت جي لاءِ مفيد بلڪ مفيد ترين ثابت ٿيندا. بهرحال مون اوهان جي ميل جي تعلّق سان پنهنجي موٽي سمجھ جي مطابق جيڪي ڪجھ عرض ڪيو جيڪڏهن اوهان جو ضمير قبول ڪري ٿو ۽ پنهنجي اندر پشيماني ڏسو ٿا تہ پنهنجي ميل جي جن جن عبارتن ۾ گناھ ڏسو انهن کان توبھ ڪريو ۽ جن جن اسلامي ڀائرن جي دل آزاري جو ڪٿڪو هجي انهي سلسلي ۾ توبھ سان گڏوگڏ انهن کان معافي جي ترڪيب بہ فرمايو جو ان ۾ دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي آهي.

ہے فلاں و کامرانی نرمی و آسانی میں    ہر بنا کام بگڑ جاتا نادانی میں
ڈوب سکتی ہی نہیں موجوں کی طُغیانی میں    جس کی کِشتی ہو محمد صلّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم کی نگہبانی میں

## هر دعوتِ اسلامي وارو منهنجو پيارو آهي

الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ۽ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نگاهِ عنايت سان دعوتِ اسلامي جو باغ خوب وڌي ويجهي رهيو آهي، جهڙي طرح ڀيءُ کي هر بار ۽ مالهي کي باغ جو هر ميوو عزيز

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

هوندو آهي اهڙي طرح هر دعوتِ اسلامي وارو مون کي پيارو آهي چاهي اهو مدني ڪم وڌيڪ ڪري ٿو يا گهٽ، جڏهن تہ ڪمائو پٽ سيني کي وڌيڪ منو لڳندو آهي پر نڪمي اولاد کي بہ پيءُ ضايع ڪونہ ڪندو آهي. آئون هر دعوتِ اسلامي واري ۽ واري جي حق ۾ دعائون گهرندو آهيان، اهي سيئي منهنجي باغ جا ميوا گل ۽ مڪڙيون آهن، انهن سان ئي باغِ عطّار ۾ مدني بهار آهي. اللّٰہ تعالٰي مديني جي سدا بهار گلن جي صدقي منهنجي گلن کي سدا مرڪندو رکي. يا اللّٰہ! انهن سان گڏوگڏ انهن جا نسل بہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي دنيا ۽ آخرت جون ڀلائيون گڏ ڪندا رهن. ۽ هي سڀ جا سڀ بي سبب بخشيا وڃن، اهي دعائون مون گنهگار جي حق ۾ بہ قبول ٿين. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## مدني ڪم ڪرڻ وارا مون کي وڌيڪ عزيز آهن

دعوتِ اسلامي جا سرگرمِ عمل (Active) ذميدار ۽ مبلّغ منهنجا ”ڪمائو پٽ“ آهن اهي مون کي وڌيڪ عزيز آهن، انهن جي مخالفت سان منهنجي دل کي اذيت پهچي ٿي. آئون جڏهن بہ ڪنهن حلقي، علائقي يا شهر يا ملڪ جي اسلامي ڀائرن جي ذاتي رنجشن جو ٻڌان ٿو تہ غمگين ٿي وڃان ٿو تہ هي چڱو خاصو مدني ڪم ڪندي ناداني تي ڪٿان لهي آيا! ڪٿي ائين نہ ٿئي انهن جي غير محتاط حرڪتن مان شيطان فائدو وٺي ۽ هنن کي نيڪين ۽ سنّتن ڀريي مدني ماحول کان پري ڪري ڇڏي ۽ دين جي مدني ڪمن کي بہ نقصان پهچي وڃي! تنهنڪري منهنجي سيني مدني پٽن ۽ مدني

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

ڏيئرن کي هٿ ٻڌي مدني التجا آهي ته دل وڏي رکندا ڪريو ۽ پاڻ ۾ ڏقيڙ ۽ انتشار جي فضا قائم ٿيڻ نه ڏيندا ڪريو، جيڪڏهن تنظيمي ڪو ناخوشگوار معاملو پيش اچي ته تنظيمي ترڪيب (جيڪا مدني ڪم ڪرڻ وارن کي خبر هوندي آهي) جي مطابق انهي جو حل تلاش ڪريو. هرگز ائين نه ٿئي جو عارضي همدرديون حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪجھ اسلامي ڀائرن کي ٻڌائي اوهان ”لابنگ“ شروع ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ اوهان جي ئي بي احتياطي جي ڪري غيبتن، چغلين، بدگمانين ۽ فِتنن جو سلسلو هلي پوي ۽ خدانخواسته اوهان جي ۽ ٻين جي آخرت داءُ تي لڳي وڃي.

## فِتنا ڦهلائڻ جون وعيدون

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 496 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”غيبت جون تباھ ڪاريون“ صفحي 449 کان 450 تي آهي: جيڪي بدنصيب ماڻھو مسلمانن ۾ خراب ڳالهيون پکيڙيندا ۽ فتنا پيدا ڪندا آهن انهن کي ڊجڻ گهرجي جو سيپارو 18 سُوْرَةُ النُّوْر آيت نمبر 19 ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ عبرت نشان آهي:

اِنَّ الَّذِيْنَ يُحِبُّوْنَ اَنْ تَشِيْعَ الْفَاحِشَةُ فِي الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۙ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ؕ

**ترجمو ڪنزالايمان:** جيڪي ماڻھو گھرن ٿا ته مسلمانن ۾ بُري ڳالھ جو چرچو پکيڙجي انهن جي واسطي دردناڪ عذاب آهي دُنيا ۽ آخرت ۾.

ڪي ماڻھو ڏاڍا جهيڙاڪ طبيعت جا مالڪ هوندا آهن، هروڀرو غيبتون ڪرڻ چغليون هڻڻ، تنقيدون ڪرڻ، نکته چيني ڪرڻ، ڳالھ

فرمانِ مصطفي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

ڳالھ تي فساد ڦهلائڻ ۽ مسلمانن جي لاءِ ايذاءُ جو سبب بڻجندا رهندا آهن، اهڙن ماڻهن کي ڏڄڻ کپي، جو سيپارو 30 سُوْرَۃُ الْبُرُوْج جي ڏهين آيت مبارڪ ۾ ربُّ العباد عَزَّوَجَلَّ جو ارشادِ عبرت بنياد آهي:

اِنَّ الَّذِیْنَ فَتَنُوا الْمُؤْمِنِیْنَ وَ الْمُؤْمِنٰتِ ثُمَّ لَمْ یَتُوْبُوْا فَلَهُمْ عَذَابُ جَهَنَّمَ وَ لَهُمْ عَذَابُ الْحَرِیْقِ ﴿۱۰﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ جن تڪليف ڏني مسلمان مردن ۽ مسلمان عورتن کي پوءِ توبہ نہ ڪيائون، پوءِ انهن جي واسطي جهنم جو عذاب آهي. ۽ انهن جي واسطي باھ جو عذاب آهي.

## فِتنا جاڳائڻ وارن تي لعنت

حديثِ پاڪ ۾ آهي: ”فتنو سُتل هوندو آهي ان تي الله عَزَّوَجَلَّ جي لعنت جيڪو ان کي جاڳائي.“ (جامع الصغير للسيّوطي ص 370 حديث 5975)

اگر میزاں پہ پیشی ہوگئی تو ہائے ! بربادی!! گناہوں کے سوا کیا میرے نامے میں بھلا نکلے
کرم سے اُس گھڑی سرکار پردہ آپ رکھ لینا سرِ محشر مرے عیبوں کا جس دم تذکرہ نکلے
(وسائلِ بخشش ص ۲۶۱)

پنهنجي تنظيمي ذميدارن جي اطاعت جاري رکندي مدني انعامات تي عمل ۽ مدني قافلن ۾ پابندي سان سفر ڪرڻ سان گڏوگڏ حسبِ حال مدني ڪمن جي خوب ڌوم مچائيندا رهو، الله تعاليٰ اسان سڀني جو حامي و ناصر هجي.

اٰمين بِجاہِ النَّبِيِّ الْاَمين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

سنّتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں
نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد
تُوبُوا اِلَى الله ! اَسْتَغْفِرُ الله

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# تهه واري ميندي لڳائڻ سان وضوءِ غسل نه ٿيندو

(دارالافتاء اهلسنت جي اڻ ڇپيل فتوىٰ جو خلاصو)

جرم دار يعني تهه واري ميندي، نيل پالش ۽ اسٽيڪر واري ميڪ اپ لڳل هئڻ جي حالت ۾ وضو ۽ غُسل نه ٿيندو، ڇوته ذِڪر ڪيل ٽئي شيون کل تائين پاڻي جي پهچڻ ۾ رڪاوٽ آهن، ۽ انهن شين جو لڳائڻ ڪنهن شرعي ضرورت ۽ حاجت جي ڪري به نه آهي. قاعدو اهو آهي ته جيڪي شيون پاڻي جي جسم تائين پهچڻ کان مانع (يعني رڪاوٽ) هجن اُنهن جي جسم تي چنبڙيل هجڻ جي حالت ۾ وضو ۽ غُسل نه ٿيندو، ڇوته وضو ۾ مٿي کان علاوه باقي ٽنهي عضون تي ۽ غسل ۾ پوري جسم جي هر هر وار ۽ هر هر لونءَ تي پاڻي جو وهي وڃڻ فرض آهي.

حضرت علامه ابن هُمام عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ السَّلام فرمائن ٿا: جيڪڏهن اُن (يعني وُضو ڪرڻ واري) جي ننهن تي سُڪل مٽي يا اُن جهڙي ڪا بئي شي چنبڙي وئي يا ڌوئڻ واري جڳهه تي سئي جي نوڪ برابر باقي رهجي ويئي ته جائز ناهي يعني وضو نه ٿيندو. (فتح القدير ج 1 ص 13 ڪوئيٽا) مُحيط ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ته جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو جي جسم تي مڇي جو ڇلر يا چٻاڙيل ماني لڳل آهي ۽ سڪي ويئي آهي، انهي حالت ۾ اُن غسل يا وضو ڪيو ۽ پاڻي اُن جي هيٺان جسم تائين نه پهتو ته غسل ۽ وضو نه ٿيندو، ۽ اهڙي طرح نڪ جي سُڪل سِنگهه جو حڪم آهي، ان ڪري ته غسل ۾ پوري بدن کي ڌوئڻ واجب آهي ۽ اهي شيون پنهنجي سختي جي ڪري پاڻي جي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

جسم تائين پهچڻ کان مانع (يعني رڪاوٽ) آهن. (فتاويٰ عالمگيري ج 1 ص 5، غنيہ ص 49، سهيل اڪيڊمي مرڪز الاولياء لاهور) فتاويٰ عالمگيري ۾ آهي: جيڪڏهن وضو جي ڪنهن جاءِ تي سئي جي نوڪ جيترو ڪو حصو باقي رهي يا ننهن جي مٿان سُڪل يا آلي مٽي چنبڙي تہ جائز ناهي يعني وُضو يا غسل نہ ٿيندو. انهي ۾ آهي: خِضاب جڏهن جِرم وارو هجي ۽ سُڪي وڃي تہ وُضو ۽ غسل جي تماميت کان مانع (يعني مڪمل ٿيڻ ۾ رڪاوٽ) آهي. يعني اُن جي ڪري وُضو ۽ غسل تام (يعني مڪمل) نہ ٿيندو. (عالمگيري ج 1 ص 2 دارالفکر بيروت) انهي ۾ هڪ بئي جاءِ تي آهي: ”جيڪڏهن عورت پنهنجي مٿي تي اهڙي خوشبو لڳائي جنهن جي ڪري وارن جي پاڙن تائين پاڻي نٿو پهچي تہ ان عورت تي انهي خوشبو جو ختم ڪرڻ واجب آهي تہ جيئن پاڻي وارن جي پاڙن تائين پهچي وڃي. (ايضا ص 13) صدرُالشَّريعہ بدرُالطَّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيۡہِ رَحۡمَۃُ اللہِ القوي فرمائن ٿا: مڇي جو ڇلر وُضو وارن عضون تي چهٽل رهجي ويو تہ وُضو نہ ٿيندو ڇو تہ پاڻي اُن جي هيٺان نہ وهندو.“ (بهار شريعت جلد 1 حصو 2 ص 292 مڪتبة المدينہ ڪراچي) ۽ جيستائين اِن ڳالهہ جو تعلق آهي تہ فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللہُ السَّلام ميندي جي جِرم (يعني تهہ) جي باوجود وُضو ٿيڻ جي تصريح ڪئي آهي تہ ان جو جواب اهو آهي تہ ان حضرات جو اهو حڪم اُن معمولي جرم (يعني تهہ) جي باري ۾ آهي جيڪو ميندي لڳائڻ کان پوءِ چڱي طرح ڌوئڻ کان پوءِ بہ لڳل رهجي ويندو آهي جنهن جي سار سنڀار ۾ حرج آهي جيئن اتو ڳوهڻ کان پوءِ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا . (طبراني)

معمولي اٽو ننهن وغيره تي لڳل رهجي ويندو آهي، ائين ناهي تہ پورن هٿن پيرن تي پلاسٽڪ وانگر ميندي جو جرم (يعني تهہ) چاڙهيو، ٻانهن تي بہ اهڙي ئي ميندي جو چڱو خاصو حصو ڄمايو، پورو منهن اسٽيڪر واري ميڪ اپ سان لڪايو ۽ پوءِ بہ وُضو ۽ غسل ٿيندو رهي! اهڙي اجازت هرگز ڪنهن بہ فقيهہ نہ ڏني آهي. بهرحال ذڪر ڪيل صورت ۾ وُضو نہ ٿيندو ۽ جڏهن وضو نہ ٿيو تہ نماز بہ نہ ٿي، تنهنڪري ماضي ۾ ڪنهن اهڙي طرح پنج وقتي نمازون پڙهيون هجن تہ اُن جي لاءِ ضروري آهي تہ ياد ڪري ۽ جيڪڏهن ياد نہ هجي تہ غالب گمان مطابق حساب لڳائي فرضن ۽ وتر جي قضا پڙهي.

## مآخذ ومراجع


| کتاب | مطبوعہ | کتاب | مطبوعہ |
|---|---|---|---|
| قرانِ مجید | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی | جمع الجوامع | دارالکتب العلمیہ بیروت |
| تفسیر کبیر | داراحیاء التراث العربی بیروت | الطبقات الکبریٰ | دارالکتب العلمیہ بیروت |
| تفسیر بیضاوی | دارالفکر بیروت | فتح الباری | دارالکتب العلمیہ بیروت |
| نورالعرفان | پیر بھائی کمپنی مرکز الاولیاء لاہور | المجموع | دارالفکر بیروت |
| بخاری | دارالکتب العلمیہ بیروت | فیض القدیر | دارالکتب العلمیہ بیروت |
| ابوداود | داراحیاء التراث العربی بیروت | رسالہ قشیریہ | دارالکتب العلمیہ بیروت |
| ترمذی | دارالفکر بیروت | حدیقہ ندیہ | پشاور |
| مسند امام احمد | دارالفکر بیروت | احیاء العلوم | دارصادر بیروت |
| معجم کبیر | داراحیاء التراث العربی بیروت | تنبیہ المغترین | دارالمعرفۃ بیروت |
| معجم اوسط | دارالکتب العلمیہ بیروت | الزواجر | دارالمعرفۃ بیروت |
| حلیۃ الاولیاء | دارالکتب العلمیہ بیروت | فتاویٰ رضویہ | رضا فاؤنڈیشن مرکز الاولیاء لاہور |
| شعب الایمان | دارالکتب العلمیہ بیروت | ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |
| الترغیب والترہیب | دارالکتب العلمیہ بیروت | بہارِ شریعت | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |
| الجامع الصغیر | دارالکتب العلمیہ بیروت | اللہ والوں کی باتیں | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |

# فهرست


100 حاجتون پُوريون ٿينديون 1
سگِ مدينہ جو احساس ....ڪٿي مون سان 4
ڪو ناراض نہ ٿي وڃي ....
.. تہ آئون دعوتِ اسلامي وارن ڪان پري ٿي ويس 5
الله تعاليٰ جنت جا ٻہ وڳا پارائيندو 6
تعزيت ڇا کي چئبو آهي 6
رُٺل پَرچي ويو 7
دعوتِ اسلامي ۾ اڪثريت غريبن جي آهي 8
بيشڪ مالدارن جو بہ دين ۾ حصو آهي 9
غُربت جا فضائل 10
”اِجتماعِ ذِڪر و نعت“ ايصال ثواب جي لاءِ 11
سگِ مدينہ جي طرفان ڪَيل جوابي ميل 12
تحرير ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي لکندڙ جي 13
مزاج جي عڪاسي ڪندي آهي
پاڻ کي ”اهم شخصيت“ سمجهڻ ڀُل آهي 14
دين جي خدمت جي ڪري عزت جي طلب 15
رياڪاري جو دردناڪ عذاب 16
خود پسندي جون تباهہ ڪاريون 17
خود پسنديءَ جي وصف 17
خود پسندي جي اهم وضاحت 17
آئون تہ خوب دين جي خدمت ڪريان ٿو 18
مون هِي ڪيو! مون هُو ڪيو! 19
خودپسندي جي مذمت تي بُزُرگن جا5فرمان 20
خود پسندي جو علاج 22
اِخلاص 23
اِخلاص جون پنج وصفون 24
اخلاص جي معنيٰ ”رضاءِ الٰهي جي لاءِ عمل ڪرڻ“ 25
اخلاص هي آهي تہ ”پنهنجي عمل جي تعريف“ 26
ناپسند هجي
اخلاص جي باري ۾ بزرگانِ دين جا 5 فرمان 26
ٿي عطائون ٿي محروميون 27
30 سالن جون نمازون قضا ڪيون 28
حڪايت: نہ ثواب مليو نہ عذاب 28
مبلغ تي شيطان جو وار 29
عالم جون ٻہ رڪعتون جاهل جي سال جي عبادت کان افضل 30
حڪايت: 60 سال ڪعبي جو خادم 30
بدگماني ڀريل تحرير جي نشاندهي 31
بدگماني جون تباهہ ڪاريون 31
بدگماني حرام آهي 33
بدگماني جي وصف 33
بدگماني ڇو حرام آهي 33
بدگماني جا مختصر 7 علاج 35
﴿1﴾ مسلمان جي خوبين تي نظر رکو 35
﴿2﴾ بدگماني ٿئي تہ ڌيان هٽائي ڇڏيو 35
﴿3﴾ پاڻ نيڪ ٿيو تہ جيئن ٻيا بہ نيڪ نظر اچن 36
﴿4﴾ بُري صحبت بُرا گمان پيدا ڪندي آهي 36
﴿5﴾ ڪنهن تي بدگماني پيدا تہ پاڻ کي عذابِ اِلٰهي 37
سان ڊيڄاريو
﴿6﴾ ڪنهن جي باري ۾ بدگماني ٿئي تہ پاڻ لاءِ دعا ڪريو 38
﴿7﴾ جنهن لاءِ بدگماني ٿئي ان لاءِ دعاءِ خير ڪريو 38
جيڪو لڪڻ ۾ خطا ڪري وڃي ٿو اهو ڳالهائڻ ۾ 39
خبر ناهي ڇا ڇا چئي ويندو هوندو
بدگماني جي باري ۾ اعليٰ حضرت جي فتويٰ 39
جنازي جي نماز ۽ ايصالِ ثواب جي باري ۾ 40
ناراضگي کان بچائڻ وارا مدني گل
دلجوئي نہ ڪرڻ جا ٻہ نقصان 41
شخصيتن سان تعلقات جي متعلق اهم وضاحتون 41
ڇا شخصيت جو تعزيت ڪرڻ آخرت جي لاءِ باعثِ 42
سعادت آهي؟
واعدو ڪري نہ اچڻ وارن جي باري ۾ حُسنِ ظن 43
پنهنجو قول نڀائڻ گهرجي 43
خبردار! اجائي وضاحت ڪٿي گناهن ۾ نہ وجهي 44
کر لے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی 44
هردعوتِ اسلامي وارو منهنجو پيارو آهي 45
مدني ڪم ڪرڻ وارا مون کي وڏيڪ عزيز آهن 46
فتنا ڦهلائڻ جون وعيدون 47
فتنا جاڳائڻ وارن تي لعنت 48
تهہ واري مينديِ لڳائڻ سان وضوءِ غسل نہ ٿيندو 49

